


# ڪيڙيل ڌرتي

ڪهاڻيون

*Kherial Dharti*

(Short Stories)

سندري اُتمچنداڻي

Sundri Uttamchandani

www.sundriuttam.com

www.sindhisangat.com

Download free Sindhi movies from

www.sindhisangat.tv

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# فهرست


- اٻالي
- من جي ڳنڍ
- بي رخي
- جيئنداڻي مري وي
- ڪيڙيل ڌرتي
- نئون زمانو
- تتهنڪان تہ ڏيڪاريون نہ ها
- وچ ڏاڪڻ تي





# لَباني

چندر لوڪ بلڊنگ ۾ اچي پاريتيءَ جو رهڻ ٿيا هو. جنهن پارپتيءَ ڪي پيار سان پالي سڏيندا هئا، سا اچانڪ ئي لباني ٿي پيئي.

مٿس لباني نالو رکڻ واري هئي هڪ وڏي عمر جي پريل پرڪم عورت. هن جڏهن پهريون ڀيرو پاريتيءَ ڪي چندر لوڪ سوسائٽيءَ جي باغيچي ۾ بينچ تي وينل ڏٺو، تڏهن ڦٽاڪ سان پڇيائين، "ائي شاميءَ جي جاءِ ۾ تون اچي وينني آهين نہ ؟"

ڪنڌ سان "ها" ڪئي پاريتيءَ.

"تون آهين تہ شادي ڪيل نہ؟"

ٿوري مرڪ منهن تي پکيڙي ذرا شرمنجندي پاريتيءَ چيو، "ها."

"تہ ههڙي لَباني لَباني ڇو پيئي لڳين؟"

"خبر ناهي." لبانيءَ جي وات مان نڪري ويو.

"شامي تنهنجي ناني هئي نہ؟"

وري بہ ننڍڙي "ها" فقط ڪنڌ سان ڪئي لبانيءَ.

"شامي تہ لڪاپتڻ هئي. تو لاءِ فقط هي جاءِ ڇڏي ويئي؟ ٻيو ڪجهہ بہ نہ؟"

ڪنڌ لوڏي اکيون هيٺ ڪري لبانيءَ چيو، "نہ ڪجهہ بہ نہ."

هڪ ننڍيءَ ٻيبيءَ اچي چيو، "ممي ياءُ ماري ٿو."

"ائي تہ توکي ٻہ ٻار بہ آهن؟"

لباني بينچ تان اٿي ڏيءَ کي آگر پڪڙائي. پريان بيٺل ٻار کي وجي هنج ۾ کڻي ورتو.

"ڇو ڀلا تون پيڻ کي ڇو ٿو مارين؟ مالان توکي؟"

ٻار ٻانهون کڻي ماءُ جي ڳلي ۾ وڌيون. لباني ڌيءَ کي هٿ کان وٺي گهر ڏي


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هلڻ لڳي.
پنيان سڏ ٿيو، ”اپالي او اپالي.“
اپاليءَ ڪي هڪ منٽ لاءِ به ويچار نه آيو ته هوءَ ان نالي واري ڪانه هئي.
يڪدم ڪنڌ ورائي بينچ تي ويٺل پاري پرڪم عورت ڏي نهاريائين.
عورت هٿ جو اشارو ڪري اپاليءَ کي سڏيو. اپالي آئي ته هن ڪيس هٿ کان
ڇڪي بينچ تي وهاري ڇڏيو.
”خبر ته ڪر مني، شاميءَ جي ڌيءَ ته تنهنجي ماسي آهي نه اها ته شاميءَ جي
موت تي آيل هئي، تون ته ان وقت ڏسڻ ۾ ڪانه آئين؟“
”منهنجا ٻئي ٻار ٻي چاڪ هئا. پاڻ ته هئا ئي پوپال ۾. ڪين خبر ئي پوءِ
پيئي...“ چوندي اپاليءَ جون اکيون پرجي آيون. ننڍڙي ٻارڙي ڪيس اڳر کان
ڇڪڻ لڳي. اپالي اٿي هلي ويئي. عورت ڪيس ڪين سڏيو. اصل ۾ هاڻي
بينچ تي چندر لوڪ ڪالونيءَ جون ٻيون ٻه ٻه ٽي ڄڻيون اچي ويٺيون هيون.
اپالي پنهنجي گهر ٽئين ماڙي تي پهچي، اسٽو ٻاري ٻارن کي چانهه ڊڪ ٺاهي
ڏنو ته پاڻ به پيتائين. رنڌڻي جي دريءَ کان ٻاهر آڪاس ڏي نهاريائين ته نيڻن
۾ ڊار پئجي ويس. پوئين سج مٿان هلڪن ڪپهه جهڙن ٻادلن پئي ٻنا سڪان
تار تريو... اوهه ڪهڙو آهي هي ٻانڪپڻ منهنجي سيني ۾. ٻنهي هٿن سان
پنيان ٻڌل وانگورو ڪولي ڊگهن وارن کي ڪٽي چنبڪار ڏنائين، ”مان ته ڄڻ
مان ئي ناهيان، ڄڻ ڊگهن وارن واري هڪ ائڪٽريس.....“ چپ کي چڪ پائي
چيائين، ”نه ڄڻ هڪ ڊگهن وارن واري ديوي پواني آهيان، يا پهاڙ جي ڪنهن
چوٽيءَ تي ٻيٺي آهيان ۽ هيٺ آهن باغ باغيچا، جن ۾ انيڪ ڪراڙيون روئي
رهيون آهن، پنهنجي گذري ويل جوانيءَ تي... يا منهنجي هن سونهن تي...“
مگر ڪن ڪٽن اندر ئي مور جون اکيون پنهنجي پيرن ۾ جهڪي ويئون. آهه


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

تان اٿي ڪڙي ٿي، چيائين، ”هيٺ اچي ويا آهن. چڱو مان وڃان ٿي.“ ڪنجون هٿن ۾ ڦيرائيندي، من چندرا هلي ويئي.

ملڪاڻي ڪيتري دير سن ويٺي رهي. سڄي ڪمري ۾ من چندرا جي ڪپڙن واري سينٽ جي سڳنڌ پکڙي پيئي هئي. سندس مٿين سان جهنجهيل سرير ۽ شوخ چهرو اجلب سندس اڳيان ڪڙو هو. ڪجهه ڏينهن اڳبہ تہ ساڳي من چندرا سندس گهر ۾ اچي ڪلاڪ اڌ رهہ چهہ ڪئي هئي. تڏهن ڪيس مٿيا منديون ڪين پيل هئا، رواجي ڪپڙن ۾ اچيملڪاڻيءَ وٽ اوپاري لهواري ڪرڻ ويٺي هئي. سندس نظر سڄي گهر تي پئي ڦري. چيائين، ”هتي رکي هئي تنهنجي نانيءَ جي واشنگ مشين. ڪن ۾ سڀ چادرون چڪونبہ ڌوئي وٺندي هئي سندس ملئي.“

ملڪاڻيءَ چيو، ”واشنگ مشين هجي تہ ملئي چا لاءِ؟“

”تون ڪانہ سمجهي سگهندينءَ. لاکيٺ جي سيني سهوليت ڏيندڙ اوزارن ڪي هلائڻ لاءِ انهن جي صفائي سنڀالي رکڻ لاءِ ماڻهو تہ ڪپيئي ڪپي. انهيءَ ڪري تہ تنهنجي ناني اڪيلي هئي تبہ سڄو ڏينهن ملئيبينل هئس. هي مٿي وينٽيليٽر روز اگهلائيندي هئي. هتي رنڌڻي ۾ هوس وڏو شاهي جوسر مڪسر. ملئي روز فروٽ جي رس ڪڍي ڏيندي هئس...“

”بيمار تہ ڪانہ هئي منهنجي ناني پوءِ رس چو پيئندي هئي روز؟“

”تون تہ ڪا پڪي ڳوناڻي آهين. فروٽن جون رسون پيئندي هئي تڏهن تہ هوءَ ههڙي ڳاڙهي ڳٽڪيبيني هئي آخر تائين...“

”او...“ چئيملڪاڻيءَ پنهنجيبي سمجهيءَ تي خار کاڌي. پٽ کي گلاس اونڌو ڪندي ڏٺو تہ چموٽو ڀلئي ڪڍيائينس.

من چندرا جون ان ڏينهن واريون ڳالهيون ياد ڪري،ملڪاڻي دکي ٿي وڃي پٽ کي


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

روئي ڪٺيندي هرڪشن چيو، ”پالي تون مڙيوئي خوش ناهين هن جاءِ ۾... شڪل تہ ڏسبي ارهوئي لڳي پيئي اٿيئي... حقيقت ۾ تنهنجي ڪلڻ ۾ بہ مونکي تہ روئڻ پيو ٻڌڻ ۾ اچي...“

”ڏسو توهين مونکي پارپتيءَ مان پالي ٿا سڏيو ۽ ڪالونيءَ وارين اصل نالو مٽي ملپالي ڪري ڇڏيو آهي منهنجو . ڇو؟“

هرڪشن کلڻ روڪي چيو، ”ڇو؟ ڇو جي توکي خبر هوندي.“

”بلڪل مونکي خبر آهي. هي زالون خوب مٺيا پيئين ٿيون، روز نوان وڳا پيئين ٿيون، مون وٽ تہ اهڙو ڪجهہ بہ ڪينهي ۽ ...“

”۽ ڇا؟“

”۽ هو روز ڳالهيون ڪن نوڪرن جون نوڪرياڻين جون، انهن جي بي ايمانيءَ جون، چوريءَ جي عادتن جون، درزين جي سبڻ جون يا وري ٽيوي پروگرامن جون...“

هرڪشن کلئي اٿيو تہ گينديءَ وٽ گرڙي ڪندي بہ ٿي ڪمري ڏي نظر ڦيرائيئين تہ ڏٺئين بئي پار رانديڪن وچ ۾ سمهي پيا آهن.

اندر اچي پاريتيءَ کي ٻانهن ۾ ڀري پلنگ تي ليٽائي چيئين، ”منهنجي پاليءَ وٽ جيڪي آهي، انجي اڳيان تہ هرڪا عورت ٻالي آهي. “


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# من جي ڳنڍ

لڳين ته منهنجو گهر ڪو تمام مٿي به ڪين هو, پر تڪڙ هئي انڪري هيٺئين فلئٽ (گرائونڊ فلور) واريءَ ارونا کي چيم, ”ڏهي ٿيهه رپيا هجني ته ڏينم, پوءِ مٿان آڻي ٿي ڏيانءِ. منهنجو گهوٽ وڃي ٿو ڪار ۾ پيٽرول پرائڻ, ان لاءِ کپن. “

ارونا يڪدم سوَ جو نوٽ اچي مونکي ڏنو. مون بلڊنگ جي ڪمپائونڊ ۾ وڃي جڏهن سو جو نوٽ پنهنجي گهوٽ کي ڏنو, تڏهن هن مرڪي چيو, ”ملئي ته وڏيءَ دل واري ڇٽبي جو ٿيهن رپين بدران سو جو نوٽ ڪڍي ڏنائين. “

واپس اچي ارونا کي پنهنجي مڙس جي ڳالهه ٻڌايم. ارونا جي پير ۾ سندس ٻي پاڙيسرڻ ديوي ويٺي هئي, انهي چيو, ”ورشا راڻي, تون ته اسانکي سڃاڻين ڪانه ٿي. اڃي به گهڙيون وهين ته خبر پويئي ڪيڏا تاڪيا وڏي آهي اسانجي دل. “ مون کي هي ٻئي زالون وڻيون.

ٻئي ڏينهن ساڳيءَ مهل تي اٽڪل ڏهه لڳا هوندا صبح جا, جو ارونا کي سو رپيا موٽائڻ ويس. ارونا کلي چيو, ” چو پڄي ٿي ويا چا رپيا؟“

مون چيو, ”منهنجي سس ته مٿو ڳئي ويئي هئي ته جلدي هيٺ پئسا موٽائي اچ. ملئيءَ سڄي رات مٿان ننڊئي نه ڪئي هجي“

ارونا خوب ٺهڪ ڏيئي کليو. مٿان چيائين, ”سسٽين ڪي ٻين ۾ وشواس ڪونهي ڇا؟“

ارونا جو لڳين چوڻ ۽ منهنجي اکين مان جهر جهر نير وهڻ. ارونا تڪڙ ۾ ديويءَ کي به سڏ ڪيو پوءِ وينيون ٻئي مونکي پرچائڻ ۽ ڪلائڻ.

مٿي آيس ته سس چيو, ”هيڏو وقت لڳايئه, ملئيءَ جهيڙو ڪيو ڇا ته...؟“


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

مون سس طرف ڏٺو. هيءَ هئي وشواس جي اگنيءَ جو ٿيو ۽ تصور ڪيم هيٺ وارين ارونا ۽ ديويءَ جو ٻهئي زالون ڪيڏيون نرمل, ٿڌيون ۽ خوش دل ٿي لڳيون.

ٽئين ڏينهن به ساڳيءَ مهل تي مان مڙس سان گڏ هيٺ لهي ويس. زندگيءَ ۾ هي پهريون پيرو هو جو سس کي ڪين ٻڌايم تہ مان گهر چئنٽ کان ٻاهر قدم چو ٿي رکان.

ديوي بہ ارونا جي گهر ويني هئي, اتي هڪ ٻي بہ زال هئي. ديويءَ چيو, ”ورشا, هن کي سڃاڻين؟ هيءَ ڪرشنا اٿيئي, سامهون واري فليٽ ۾ رهندي آهي.“

مون چيو, ”چڱو وجان ٿي.“

”وجين وري ڪيڏانهن ٿي؟ ٻانهن کان ڇڪي ارونا ڪٽي مونکي ڪرسيءَ تي هنيو. ويهہ هتي ٻيڪارن جي دفتر ۾ جيڪو آيو, انکي اڌ ڪلاڪ ڊيوٽي ڏيڻي ٿئي پوندي آهي.“

ديويءَ چيو ”ها ڊيوٽي ڏيڻي ٿي پوندي آهي.“

”۽ هوءَ سس ٻلئي مٿي ويني...“

”اسانکي بہ گهر جو ڪم وينو ياد ڪري“ ڪرشنا چيو, ”گهاٽ کي اوپر, گهاٽ کي اوپر“ ديويءَ ڪرشنا کي ڇهندڙي پلئي چيڙ ڪئي. مان ولئڙي ٿي ڏسڻ لڳس تہ ارونا چيو, ”هيءَ اسانجي ڪرشنا اٿيئي صفا اڻ پڙهيل, سو اهڙا گفتا ڳالهائيندي آهي جو ڪيڏا ڏينهن پيا کلندا آهيون. کلهہ سندس ماسي لٿي هئي. ديويءَ پڇيس تہ ڪٿان لٿي هئي, تہ چيائين, ”گهاٽ کي اوپر مان.“ ويچاريءَ کي گهاٽڪوپر چوڻ ڪين آيو. هاڻي ديوي آهي جا ويني ڪٺ ڪريس.“


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

مون چيو، ”پر آهي ڏاڍي سٺي، خفي نه ٿيندي ڪين ٿي.“
ارونا چيو، ”ڀلا اهو ته ٻڌاءِ تون ڪهڙي سهڻي، صاف سٿري، پر خفي ٿيل اهڙي پيئي لڳين جو ڪجهه منونءَ ڪين ٿو لڳيئي. اسين ته روز 10 کان 10:30 تائين، هي جيڪو ٻيڪارن جو دفتر کلندو آهي، ان ۾ اچي وهڻ لاءِ واجهائيندا آهيون ۽ تون آهين جا پيئي پڇين.“
منهنجو من ڳڻتيءَ ۾ ٿي ويو هوبنا ڪنهن احساس جي چيڙ، ٻيڪارن جو دفتر ڪيئن؟“
ديويءَ چيو، ٻيڪارن جو انڪري ته ڇهن جو هي اڌ ڪلاڪ ڪوبه ڪم ڪار ڪرڻو ناهي. فقط ڪل خوشيءَ ۾ گذارڻو آهي.“
”ڪل خوشيءَ ۾ گذارڻو آهي؟“ مون چيو.
ڪرشنا منهنجو هٿ پڪڙي چيو، ”چو ڙي؟ اهڙي اداس منهن سان ڇو ٿي چوين ڪل خوشيءَ ۾ گذارڻو آهي؟..“
”نصيب ۾ ڪل خوشي آهيئي ڪين.“
ڪرشنا منهنجو نراڙيءَ تي پنجئي آڱريون رکيل هٿ هيٺ لاهي چيو، ”ڀاڳ ته آهن تنهنجا، موٽر در تي، فليٽ پنهنجو، سس، سهرو، پٽ، ڌيءُ ۽ ڪمائيندڙ مڙس تنهنجي گهر ۾ ٻاقي توکي کپي ڇا؟“
ديوي کلڻ لڳي، ”ماڻ ٻڌايانءِ هن کي ڪهڙي ٻيماري آهي؟“
ديويءَ جي ڳالهه ٻڌي مان شڪجي ويس. الائي منهنجي مسئلي جي خبر ته نه پئجي ويئي آهي پاڙي ۾. دل دڪ دڪ ڪرڻ لڳي.
ارونا چيو، ”ڏس ورشا تون خود جيسين پنهنجو دک نه ٻڌائيندينءَ تيسين ڪوبه انترجامي ڪونهي جو تنهنجو دل لاهي سگهي.“


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ارونا جي چوڻ جو انداز اهڙو هو جو مان هڪ وار من چلڻ لاءِ تيار ٿي ويس. پر وري پاڻ کي سنڀالي ورتم. چو ته چوندا آهن: ڪاتي ڪري گدريءَ تي ته به گدرو مَٺو؟ ۽ گدرو ڪري ڪاتيءَ تي ته به گدرو مَٺو.

ديويءَ چيو، "ورشا توکي منهنجو ڪلڻ دل ۾ ته ڪين ٿيو. واقعي ماٺهو ڪڏهن حالتن سبب ڪڏهن وري من ۾ ڪا ڳنڍ اچي وڃڻ سبب دکي ٿيندو آهي."

مونکان تڪڙ ۾ نڪري ويو "ڳنڍ؟ . . . من ۾ ڳنڍ پڌجڻ . . .؟"

هاڻ ٿنهي سکين ڪٽي مونکي پڪڙيو. چون، "هاڻ توکي مور ڪين ڇڏينداسين. پلا اسين ٻيو نه ڪري سگهون ته من تنهنجي دکه کي همدرديءَ سان ٻڌي تنهنجي من جو اڦبار ته لاهي سگهنديونسين."

مان ولڪڙي ٿي، هنن ٽنهي ڏانهن واري واري سان ڏسندي رهيس. ارونا جي منهن ۾ نهاريم، هوءَ مرڪڻ لڳي، سندس اکين ۾ جل پرجي آيو. من ۾ سوچيم: جيڪا زال منهنجي دکي حالت ڏسڻ سان ايتري همدردي ٿي ڪري، سان منهنجو دکه ٻڌڻ سان ته شايد مونکي پاڪر پئي دکه ئي لاهي ڇڏيندي، يا شايد روئي پوي منهنجي ڳالهه تي. ڪيترو وقت من سان هٽي هٽي آخر چيم، "منهنجي سس کي شڪ آهي ته مان پنهنجي سهري سان نهيل آهيان."

ڪن لاءِ هي ٽيئي سکيون شانت ٿي ويئون. ڪمپئونڊ ۾ ٻارن جي راند جو سماع پيو. "ٿذا منا قاروئان" گهورڙيو ٿي چوندو ويو.

منهنجي اکين مان هاٽي اهڙو ڪي ڪرڻ لڳو جيڪو نه پاٽي هو نه رت. عجيب وياڪلتا اکرن جو روپ ورتو. چيم، "مونکي توهين غلط نه سمجهجو مان ٻلڪل نرليپ آهيان.ٻلبل کي مون سپني ۾ ٻه ڪڏهن غلط روپ ۾ نه ڏٺو آهي. مڙس منهنجو ته ڏٺو اٿو کهڙو نٻي مثل مٽيو آهي. سندس سونهن


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

اڳيان ته ماڻهه ڪي ڪين آهيان..."

ارونا منهنجي وات تي ڪٽي هٿ رکيو. "نه چئه مني، اسين ٿيئي دنيا جي چال ڪي ڄاڻي وينيون آهيون...."

سندس هٿ هٽائي، مون رڙي چيو. "پورا نو سال ٿيا آهن مونکي. رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي رهي آهيان. پر ڪو فرق نه پيو آهي."

ديويءَ چيو. "نو سال پوءِ تنهنجو مڙس توکي جدا نٿو ڪري وجي وهاري؟"

مون ڪٽي ديويءَ جا هٿ پنهنجي مستڪ کي ڇهايا. ٻُس ڪئين ڪو ڪري مون لاءِ ٻن ٻارن جي ماءُ آهيان. ڪتي جهنگ ۾ ٻه هلي وهاريندم تبه هن شڪ جي قيد مان ڇوٽڪارو ڀلئي مان نهال ٿي ويندس."

ڪرشنا پڇيو. "مرد ته هميشهه پاڻ کي زالن کان عقل وارو سمجهندا آهن. پوءِ ايتري ننڍي ڳالهه تنهنجي مڙس کي سمجهه ۾ نٿي اچي؟"

"مني هڪئي پٽ آهي نه منهنجي سس جو. هوءَ چويس ٿي ماءُ ته وري ڪانه ملندءِ. جويون ته ٽڪي ٿيهه ڀئسي ويهه ملنديئه... هٽي خاندان ۾ پت نه وڃڻجاڻءِ. ڇڏي اچ انهيءَ ڪنيءَ ڇوريءَ کي پيڪن ۾ٻس منيون مان جا ڪڪڙ جي اڌ ڪپيل سسيءَ وانگر لٽڪي پيئي آهيان مڙس کيٻهٻار ڪٽي ڪيڏانهن وينديس. ويچاري کي ڏنييانٻه ڏاڍو ٿي. ويچارو جواب مونکيٻه ڪين ڏئي ته ماءُ کيٻه ڪين ڏئي."

گهڙيال ساڍا ڏهه ٿي هنيا. جو ارونا اٿڻ لڳي. چيئين. "دل جاءِ ڪر. روز هتي اچ ته پاڻيهي راهه نڪرندي. تنهنجي من جي ڳنڍ ڇڙي ته ڏس ڪيئن نه ٿي سک جو ساهه کڻين. مونکي مڙس جي روٽيءَ جو ڊپو موڪلڻو آهي. مان ته هليس رنڌڻي ۾."

ان ڏينهن مٽي گهر ۾ گهڙيس ته سس پڇيو. "ڪيڏانهن ويئي هئيئن؟"


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

چيم، ” هيٺ پاڙي ۾.“
ماتا چيو، ”مونکي اهلڀين گهرن ۾ نوس نوس وڻندي ڪانهي خبر اٿيئي نہ؟“
منهنجي جو هنن اروناٰ ديويءَ ۽ ڪرشنا ڏاڍي دل ورتي هئي سو سس کي چيم، ”اڳتي نہ ويندس.“
اندر ۾ پيئي چوان، ”اڄ هي مونکي ٿي چا ويو. جتان هيڏي خوشي مليم انهيءَ هنڌئي چوانس ٿي تہ نہ ويندس. “
ٻار اسڪول مان موٽيا تہ الائي چو ڪين ڏاڍو پيار ڪيم. هنن ٻہ اسڪول جون آڪاٽيون ٻڌائڻ شروع ڪيون ۽ ٻنان چون چران جي ڪاڏو ڪڍئي اٿيا.
منهنجي سس گوريون ونڻ لاءِ مونکان پاٽي گهريو. پاٽي کٽي اڳيان ويئي سانس تہ چيڪين، ”اڄ ٻار ڏاڍو چهڪن پيا، پاس ٻاس ٿي آيا آهن چا؟“
مون جواب ڪين ڏنو. سهري چيو، ”اها چا جواب ڏيندءِ سالن کان ٻڌنو چاريو اٿس ٻوٿ تي...“
منهنجي من ۾ آيو، اڄ ڪوئي چتو جواب ڏيئي من ٺاريان. مگر نہ، مان ڪجهہ بہ چوڻ تي هريل ئي ڪين هئس. اندر گهٽوئي پوسريو تہ هن ماٺهوءَ ئي تہ منهنجي ڪل ڪسي ورتي آهي. اگر پنهنجي زال کي وري وري وشواس ڏياري ها تہ ننهن مون لاءِ ڌيءَ سمان آهي. تون حسد نہ ڪر، تہ سس ٻہ ههڙي چندي نہ ٿي پوي ها. مان ٻہ هيئن ڪلڻ ڳالهڪڻ ٻند ڪري زندهہ لاش نہ ٻڻجي پوان ها.
ليڪن اڄ جو مان سکين سان من چليلئي هئس، سو ئين پئي لڳو جا ڳالهہ هيڏا سال چاتيءَ ۾ خنجر جيان کتي پيئي هئي سان هاڻ نڪري چڪي آهي.
انهن ٻيڪارن جي دفتر، وارين زالن جي ڪل خوشي ور ور پئي يادئي. جڏهن هو ٺيئي، جيڪي سيئي سونهن، متا چاريءَ، هر ڳالهہ ۾ مونکان گهٽ آهن، پوءِ بہ ڪلن خوش ٿين ٿيون تہ مان چو ڪين؟ چاتيءَ ۾ ڪتل خنجر جو نڪري ويو


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هو ته لڳو هاڻي ڦٽب چٽيءَ ويندو.
ٻئي ڏينهن صبح جو سنان ڪري سٺا ڪپڙا پاتم. سس پڇيو، "ڪيڏانهن ٻاهر وڃڻو اٿيئي؟"
مون وراڻيو، "ڪپڙا سڀ سڙي ويندا ڪيترا سال جو پاڻا ڪين اٿم ته..."
انهن اڪرن اندر جا ٿوڪ لڪل هئي ته سس ٻڌڻي تنهنجي شڪن سڀ ٻئي ته ڪين پڪيندي آهيان سٺا ڪپڙا، سو سس ٻڌيءَ جي اکين ۾ شور پرجي آيو.
مونکي ٽبيڪارن جي دفتر ۾ پهچڻو هو، سو گهر جا ننڍا وڏا ڪم جلدي جلدي پورا ڪيم ۽ هيٺ لهي ويس ته سس آواز ڪيو. پر مون ٻنا جواب ڏيڻ جي دروازو ٻيڪڙي چڙهيو. هيءَ جريت مون پهريون پيرو ڪئي هئي. سا ارونا، ديوي ۽ ڪرشنا کي اچي ٻڌايم. ٽنهي هڪ ٻئي جي هٿن تي ۽ منهنجي هٿ تي تاڙي هڻي منهنجي انهي سوڀ جي ڏاڍي ساراه ڪئي. ڪپڙن جي ساراه ڪيائون. چيومان، "ههڙا ته گهٽيئي ڪپڙا پيا اندر سڙن پر پايان ڪين، جو سس چوندي اٿم: اڄ ته ڪنهن لاءِ ويس وڳوب ڪيو اٿيئي. "
"۽ هاڻي؟" ارونا پڇيو.
"هاڻي توهان اهڙي ڪا چلبي ڏني آهي جو من ۾ اچي ويو اٿم ته جهان مان سٺا ماڻهو ڪونه ويا آهن، جيڪي منهنجي پوترتا ۾ وشواس ڪن."
ڪرشنا ته منهنجو رئو ڪٽي منهن تي ڇهڪي چيو، "سدائين ههڙا نرم ۽ سڳنڌ وارا ڪپڙا پاءِ، ڪيڏي وڻين پيئي."
انهيءَ وڻڻ جون ته گهٽيئي ڪٿائون هيون منهنجي شاديءَ کان اڳ جي سکين ساهڙين مارونئين ماساتن وغيره جون. پر جڻئي هيءُ شڪ جو چنڊ گرهڻ منهنجي مٿان لڳو هو، تيڻئي سيني وٽ اچڻ وڃڻ ڇڏڻجي ويو هو.
هنن سکين ڏاڍي چاهه سان منهنجو اهو ڪنواري هوندي وارو ٻاب ٻڌو. مان


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

منهنجو پٽ بہ توتان اول گهول پيو وڃي تہ مڙس بہ توتي اکن ڇڪن ٿي پيو آهي. سو ڪني ڪکي اڄ تون ايتري ٻڪ ٿي ڪرين منهنجي اڳيان؟ رات جو اچي مڙسنهن تہ چوانس مونکي هڪ هڪاڻي ڪرڻي آهي...“

رات جو ٻارڻ پنيور ڪي ٻاهہ لڳي ويئي. سس ٻهڪيءَ آخر چتاءُ ڏنو تہ گهر ۾ يا ننهن رهندي يا سس.

مون بہ زبان کولي، ”مونکي پيڪن ۾ کونہ وڃڻو آهي. ڪمڪيندڙ مڙس جا ٻار ٻڪاري ٻنڪڻ کونہ ويندس.“

سس ٻهڪيءَ چيو، ”ها ها جدا گهر ڪري وهاري اچينس. پر اهو ٻڌي ڇڏ ڪنن ملڪڻن جي ڌي، منهنجو پٽ مون وٽ رهندو.“

”ها ها پلي رهي توهان وٽ. هينئڻي هڪ جاءِ خالي ٿي آهي، وٺي ڏيو مونکي.“

سهري جوبہ وات ڦاٽي ويو. چيڪين، ”اڙي هيءَ تہ ڦوٽي پيلياڻي ٿي ڳالهڪي؟“

سس سهري جا لفظ ٻڌي الاجي ڪئن مڙس کي غيرت لڳي، جو چيڪين، ”ٺيڪ آهي. دادا ٻارن جي پڙهڻ ڳڙهڻ لاءِ هونءَ بہ جڳهہ سوڙهي آهي. اسين چارئي ٻئي فلئٽ ۾ وڃي رهنداسين.“

ٺئين لڳو جڻ ٻاهہ جي پنيٺ تي ڪنهن گيهہ جو ڊبو ڪٽي ليٽايو.


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

سهڻو ڪپندو هو. پوءِ سندن ڇوڪرا ڀلي ڪارا ڪلوٽا ڇو نہ هجن. ڪن کي تہ ڏسي نندني روئي پوندي هئي. آخر اشوني ڪمار جا گهرهہ زور ٿيا. نندنيءَ خود هڪ پيرو نالوبہ ڪنيوبس پوءِ تہ اشوني ڪمار جي خوشيءَ جو پار نہ رهيو. رڪي تہ هن پاسي چاچي هئي هن پاسي پڦيءَبہنهي طرف سندس ماتري ڀاو هو. ڀاءُ کي چيائين، ”ڏسج منهنجي ڌيءَ جهڙيءَ ڏيروٺ کي انقلاب جي بہم گولن ۾ نہ اڇلي ڇڏي اشونيءَبہلبا هن گهر ۾ تہ ريشم پٽ جيان پلي آهي ڇوڪري.“

ڀاءُ ڀاڄائيءَ خاطري ڏنس تہ نندنيءَ وارن کي چيائين، ”منهنجو ڀائٽيو اٿو دنيا کان نرالو. پنهنجي امير چاچن چاچين جي اولاد کان اٽيءَ ويهڻيءَ ۾بلڪل ئي نيارو آهي. نندني ڌيءَ تون ڪڏهن سندسبہين سان ڀيٽ نہ ڪجانءِ. هي اٿيئي دل جي دولت جو مالڪ. اميرن کان امير.“

مگر شاديءَ جي سفر تي نڪرڻ کانپوءِ نندنيءَ کي ڪٿي ڪٿي زبردست کوٽ محسوس ٿي. اشوني ڪجهہ وقت نندنيءَ جي سونهن سوپيا ڏي ڌيان ڏنو پر سندس غير رواجي جيوت جيئڻ جي شوق کانئس سيڪجهہ ڀلائي ڇڏيو. سماج شيوا جي آفيس سنڀاليندي گهر تہ کانئس وسريئي ويو هو. ڪجي ڪجي آخر نندنيءَ هڪ ڏينهن چئي ڏنو، ”اشوني تو ۾ زندگيءَ کي ماڻڻ جو چاهہ اصلي ڪونهي.“

”توسان شادي ڪرڻ منهنجو زندگي ماڻڻ جو چاهہ ناهي ڇا؟ ۽ ڪمبہ تہ جيوت جو ڪو حصو آهي ڪين نہ؟“

نندني رسي پيئي. اشونيءَ تہ زندگيءَ کيباقيبہبيو موڙ ڏيئي ڇڏيو. هاڻ نندني هن لاءِ اهو ڪين هئي. ڪلپنا جي ديوي، جا هن شاديءَ کان اڳ تصور ۾ آندي هئي. هاڻبہنهي جي وچ ۾ هڪ اڻ ڏٺي ديوار ڪڙي ٿي ويئي. نندني


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڳوڙها ڳاڙيندي سوچڻ لڳي: اگر اهڙي تکي نوع ۾ اهي لفظ نہ چوي ها تہ مان دل ۾ شايد نہ ڪريان ها. ڪيترو ڪجي ٿو ڳالهائيءَ ٻاپ ڙي جڻ مون مان دل ڪٽي ٿي پيئي اٿس.

”دل ڪٽي ٿي پيئي اٿس“ سوچڻ ڇا هوبس نندنيءَ جي ڳلن تان ٽاهہ ٽاهہ ڳوڙها ڳڙڻ شروع ٿي ويا.

اشونيءَ کي نندنيءَ جي روح راڙي جي ڪا خبر ڪانہ پيئي. صرف سندس لٽل منهن طرف ڏيان ويس تہ ٻہ چار پيرا پڇيائينس، ”گهر ۾ ڪنهن ڪجهہ چيو اٿيئي ڇا؟“

نندنيءَ ڪنڌ هلايو. اشوني پاڻ پنهنجي ڪم مان فرصت نہ پئي پائي سگهيو ان ڪري ذرا خفي هوبس ايترو سوچي تہ نندنيءَ کي گهر ۾ ڪنهن ڪجهہ نہ چيو آهي، پنهنجي فرض اهائي پوري ٿيل سمجهي، پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ لڳي ويو.

نندني سندس ڪاڏي پيتي جو ڏيانٻربلبر پئي رکيو، مگر ڪٽي ٿيل دک کي مني ڪرڻٻدران پنهنجيءَ دل کي اشونيءَ طرف ڪٽو ڪري ڇڏيائين. هاڻ هوءَ پنهنجي نڙانن، پينرن، ساهيڙين ۾ نئين سر چاهہ ونڻ لڳي. کيس ڏسي ساهيڙين کي اپار آنند حاصل ٿيو. چيائون، ”اسان تہ سمجهو اشوني ڇا مليو اٿيئي، اصل اپ جو تارو مليو اٿيئي سو ڪانئس پلٻہ پري ڪين ٿيندينءَ“.

هاڻي اشوني پاڻ وڏيڪ خفي ٿيڻ لڳو. چوي، ” ڪا نہ ڪا تنهنجي ساهيڙي يا نڙان پيڻ تو سان لٽڪيءَي پيئي آهي. ڪجهہ ڪم چوٽو هجي، ڪيڏانهن ٻاهر توکي وني وڃڻو هجي تہ ڇا ڪجي؟“

”ٻاهر وڃڻ لاءِ تہ مونکي چئو ڪين ٿا. “

”ڪيئن چوان تنهنجو من ان طرف هجيٻہ نہ“


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

چيائين، ”اشوني توکي خبر آهي جيڪوبہ‌ار  جڏهن جم کان ڦلير هوندو آهي ان کي اگر زوري ساڄي هٿ سان لکڻ سيکاريو آهي تہ هو موڳو ٿي پوندو آهي؟“

”هوندو.“

”هوندو نہ آهي، سيني من وديا جي ڄاڻن جو رايو آهي تہ جڏهن وڻ کي سڌا ايرن کي ڦهلاءَ پڻ ڏي ويکري جاءِ ونن ٿئين انساني سڀاءِ بہ ڪجهہ قدرتي نموني جا آهن.“

”چڏ چڏ اجايون ڳالهيون. قدرتي نموني ماڻهن کي ڇڏي ڏجي تہ جهنگلي ٿي پون. ماڻهن ۾ هجي ضابطو. ماڻهن کي هلائڻو آهي ڪنهن ڊنگ سان. نہ تہ هي ملڪ ۾ راڄ ڪاروبار چا لاءِ آهي.“

”اشوني اشوني تون ڳالهہ کي چو نہ ٿو سمجهين. راڄنيتيءَ ۾ بہ جيڪي شاعر جيل ۾ بند ڪيا ويندا آهن اهي جي ڪپي ڏيندا، پربہ ڏي جو ضابطو نہ قبوليندا آهن... مونکي تہ لڳي ٿو توکي‌بيو ڪو ويچار آهي من ۾.“

اشونيءَ‌بگڙندي چيو، ”اڙي سڀ دوست هنجي ساراهہ ڪن، چو انهن جو ڪير لڳي؟“

”او او اشوني. “ چاچيءَ‌بہ ڏي هٿ وڌائي اشونيءَ کي پڪڙڻ چاهيو. ڪلي چيائين، ”اشوني توکي نندنيءَ تي حسد ٿو ٿئي؟“

”هان حسد ٿو ٿئي....؟ هن‌بيوقوف ڇريءَ ڇوڪريءَ سان مان ڪندس حسد؟... تنهنجو دماغ بہ الاجي ڪٿي ٿو وسي.“

”ڏس اشوني ڇوڪريون ڀاو ڀريون سهڻيون ۽ سمجهو ٿوريون آهن. ڇوڪرا گهٽا آهن. ڪا ورلي ڇوڪري نندنيءَ جهڙي ڏسندين. انڪري هرڪو وينو انجي ساراهہ ڪندو. تو ۾ ڀل ان کان وڌيڪ ڪجهہ هجي، پوءِ بہ شايد ڇوڪرو هجڻ جي ڪري تون ايترو مان نہ پائي سگهين...“


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”اڙي ڇڏ ڇڏ. ڇگي دير پيئي ٿيندي وچي هاٿي هلون.“

چاچيءَ اشونيءَ کي چيو. ”هاٿي هٿ ڪول پهرين.“

اشونيءَ ٻه ٿي دفعا چوڻ ڪانپوءِ هٿ ڪولي وڌايو. چاچيءَ مٿس آڱر سان لکيو. ”پيار.“

”يعني؟ “ اشوني پڇيو.

”يعني تون نندنيءَ کي پيار ڪر. هنجي هرڪا ڳالهه توکي سک ڏيندي.“

”دادي، تون ٻه نندنيءَ وانگر ٿي ڳالهائين، چي: توکي جيوت سان لڳاءُ ڪانهي.“

چاچي اشونيءَ جي نراڙي چمي چيو. ”پٽ اندر ۾ جهاتي پاءِ. ڏيئي جي هيٺيان اوندهه هوندي آهي، پر سورج ته سارويئي پرڪاش هوندو آهي. ڪوئي جيٻڙ کيٻه روشن ڪندو آهي. تون ڏيئو ته پر پرڪاش آهين. “

اشونيءَ جي من ۾ سڄو وقت پڦيءَ جا لفظ پئي هليا. ”سورج ته سارويئي پرڪاش هوندو آهي.“

اچانڪئي اشونيءَ کي لڳو هيترا ڏينهن هو خبر ناهي ڇا ڇا سوچيندو رهيو آهي. دل تي هڪ پٿر جيٻار کي محسوس ڪندو رهيو آهي. شام ٿئين ”سورج ته سارويئي پرڪاش هوندو آهي.“ لفظن جي جا پنهنجو پاڻ مالها پئي جپجندي رهي، تنهن سندس وجود کي هلڪو ڪري ڇڏيو.

پڳڙن جي پڙي اشونيءَ جي هٿ ۾ ڏسي نندني وڏڙن جيان مڙس طرف نهارڻ لڳي.

”هان وٿ ڪاڍُ نندني ڪيترا سال جو پڳڙا نه ڪاڌا آهن ته اڄ انهن مان سودا پيو اچي.“

نندنيءَ ٻه ٿي پڳڙا ڪڍي چيو. ٻرابر. “

رات جو سمهڻ مهل جڏهن اشوني ٽيبل لئمپ ٻاري، ڪتابٻه هٿ ۾ ڪين


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڪنيو. تڏهن وريبہ نندني مڙس طرف وڃڻ وانگر ڏسڻ لڳي.

اشونيءَ چيو، ”اڙي اسان پنهنجي روم جو در تہ بند ئي نہ ڪيو آهي، اٿي در تہ بند ڪر نندني.“

نندني جي مک تي وچ جي ريکا جيان مرڪ ڊوڙي ويئي. پر اٿي دربند ڪرڻ بدران فقط ٽيوب لائيٽ وسائي ڇڏيائين.

تڏهن اشونيءَ چيو، ”ڪيڏو روشنيءَ جو دهو ٿو اچي باهرئين ڪمري جو.“ ۽ اٿي خود ئي روم جو دربند ڪري آيو.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن نندني ۽ اشوني ڪمار ڪلندا ڪڏندا پڦيءَ جي گهر پهتا، تڏهن نندنيءَ چيو، ”الائي ڇو اسان چاچيءَ کي هيترا ڏينهن وساري ڇڏيو هو.“

اشونيءَ چيو، ”نہ پڦيءَ کي.“

نندنيءَ چيو، ”نہ پاپي وڏي کي ۽ دادي وڏي کي.“

تڏهن چاچيءَ کلي چيو، ”پاپي ڇڏيو، دادي ڇڏيو، آهيان تہ مان اڪيلي رکي.“

نندنيءَ کلي چيو ”سڪيلڏي پاپي.“

ڳل ۾ چموٽو وجهي پاپيءَ چيو، ”ڇوڪري سڪيلڏي پڪٽي تہ تون آهين، پنهنجي چاچيءَ جي... ان ڪري منهنجي بہ.“

”۽ مان؟“

اشونيءَ ”۽ مان“ اهڙي ڪلائيمڪس نموني چيو، جو نندني ۽ رکي دادي خوب ٽهڪ ڏيئي کليون.

جڏهن ٿول ڊنگ ڪٽي بہ ئي وڃڻ لڳا تڏهن رکيءَ شب ۾ پڇيو، ”اشوني پلا آخر مسئلو ڪيئن حل ٿيو؟“

اشونيءَ نندنيءَ طرف ڏسندي چيو، ”همٿ ۾ جو لکڻ ڏيئي وئيئن مونکي.“


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”لڪڻ؟“ نندني سوال جي نشانيءَ جي مڙس ڏي ۽ وري دادي رڪيءَ ڏي ڏسڻ لڳي. رڪي خوف ۾ لڪڻ اکر تي وڪڙي ٿي ويئي هئي.
”هاڻي اها پرولي دادي توکي سلٽي پوندي.“ پر جواب ڏيڻ بدران ئي ٻئي کلندا کلندا نڪري ويا.
رڪي ڪجھ وقت من ۾ پيچ گھر ڪندي رهي پر سارو وجود اڄ ڏاڍو پرسن هو.


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# جيئنداڻي مري ويو

ڪيترين ڏينهن کان پوءِ اڄ مون کي آفيس ۾ سويل پهچڻ مون لاءِ اجان تہ ناممڪن ٿي رهيو آهي. ان ڏينهن تہ ناٽڪ لکي پورو ڪيو هوم سو خوشيءَ ۾ پئي سوچيم. اڄ ڪنهنجوبہ ڊپ ناهي ڪرڻوبس هڪئي ڏن سوار هئي تہ ڪنهن طرح لنچ ٽائيم ۾ وڃي جيئنداڻيءَ کي سندس آفيس ۾ هيءُ ناٽڪ ٻڌائي ايندس. هٿن کي ٻہ ٽي ڦوڪون ڏيئي گرم ڪري ورتم. جلدي جلدي فائيل کولي پڙهڻ لڳس تہ فون جي گهنٽي وڳي. اڄ ڪلهہ ياريءَ دوستيءَ جو هئڙو ايترو تہ وڏي ويو آهي، جو جنهنئي اڙجي ويئي آهي. ”الاجي ڪهڙو آهين پٽيا چوندي فون ڪنيم. ڪوئي گنگهي رهيو هو. چيم، ”ٻلئي ڪير آهين؟ جيئنداڻي آهين؟“

ڏاڍو ڳورو آواز آيو، ”جيئنداڻي مري ويو.“

”هان، جيئنداڻي مري ويو؟“ منهنجي هٿ مان رسيور ترڪي ويو. رسيور کڻي وري پڇيم، ”ڪڏهن؟“

”اڄ صبح جو اٺين ٻجي.“

منهنجون تہ ٻہ ويئون ڇهہ ويئون. پنج منٽ اڳ ۾ جيئنداڻيءَ سان ملاقات ٻلبت ويٺي سوچيم. واقعي ٽندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻي“ ٿي نظر اچي. ليڪن ”نو آتما“ ڊرامي جو ڇا ٿيندو؟

من پڇيو، ”جيئنداڻيءَ جي مري وڃڻ جو توکي ڏک ڪونهي، رڳو ڊرامو نہ ٿي سگهندو انجو ڏک اٿيئي؟“

مون چيو، ”ها. مون جيڪا ڊرامي لکندي نو آتما جي شڪل پنهنجي سامهون رکي هئي سا تہ جيئنداڻي جيئي هئي. هوئي منهنجي ڊرامي جي جان هو.


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

سندس قداور آڪار, جڏهن عجيب رنگن جي روشنين وچ مان ظاهر ٿي چوي ها, "ساٿيو هڪ آرسيءَ تي پٿر لڳو ۽ آرسي ٽڪر ٽڪر ٿي پيئي پر پوءِ ... آرسيءَ جي هر ٽڪري ۾ نظر ٿو اچي, نو آتما جو عڪس. زماني وارن وشواس جي آرسيءَ مٿان ناستڪتا جو پٿر هنيو آهي, مگر عجب ته ڏسو هرڪو ٽڪروبڻجي پيو آهي نو آتما جو عڪس. ڀڳوان جو عڪس. انيڪ ڀڳوانبڻجي پيا آهن هن جڳ اندر. انيڪ انسان, جن ملڪ جي سک دک لاءِ پاڻ کي جوابدار ڪٿي ٺهرايو آهي... اسان سنڌينبه..."

اوچتو پٺيءَ تي ڪنهن ٺڪ هنيو. مڙي ڏسان سانولاڻي هو, "اڙي دوست پنهنجو جيئنداڻي مري ويو."

"نه ته. "

"هيئئرئي ته فون آيو. "

"دوستن کي خبر ڪيئي اٿيئي. "

"منهنجو ته موڊئي خراب ٿي ويو آهي. " مٿي تي هٿ رکي ويهي رهيس.

"اڙي يار هوڏانهن "سنمان" ناٽڪ لاءِ هالبڪ ڪرائڻ ويا هوندا ۽ جيئنداڻيءَ کانسواءِ پلا مکيه رول ڪير ڪندو؟"

"پنهنجي نئين ڊرامي "نو آتما" ۾به ته جيئنداڻيءَ جوئي مکيه رول رکيو هوم..."

سانولاڻي هتو ڪتو زنده دل رفيق آهي اسانجو. ڊرامي لاءِ پرميشن وٺڻ, هال ۾ انتظام رکڻ وغيره جهڙا ڪم اسين ڪيس سونپيندا آهيون. ڪيترن وقتن تي اسانجي ڊئريڪٽر سندس ساراهه ۾ ٺئينبه چيو هوندو ته, "سانولاڻيءَ کان سواءِ جيڪر هي ناٽڪ ايترو جلد پيش ڪريئي نه سگهون ها. " مگر اڄ سيني کي خبر پئجي ويندي ته جيئنداڻيءَ کان سواءِ ڊراموئي اسٽيج تي اچي


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

نہ سگھندو...

”ڇڏ يار تونبہ زالن وانگر ٿو ڳوڙها ڳاڙين. مان ڏس ڪيئن چپ ويٺو آهيان. نہ تہ مون لاءِ تہ جيئنداڻي يار، دوست، سچو صلاحڪار، خبر ناهي ڇا ڇا هو... اجان ٿيون ڏينهنبہ گڏ هئاسين..“

”سانولاڻي ڇئہ هو ڪنهنجو يار نہ هو؟ پوءِبہ اسان کان وڌيڪ اڄ اسانجي قوم ڪجهہ وڃايو آهي، جڏهن سنڌين جي ڏکن سورن جو اظهار ڪندو هو، تڏهن ايڏي جذبي سان ڳالهائيندو هو جڻ ساري قوم منجهس سمائي پيئي آهي..“ منهنجو من ڀرجي آيو.

سانولاڻيءَ هٿ کان ڇڪي چيو، ”بس يار روح هو روح. سيني انسانن سان ٺئين مليو پيو هو، جڻ ڪا وچ ۾ پتڪئي ڪين هئي. پارت ۾ نئين سماج اڏڻ لاءِ اهڙائي جيو ڪپن... ليڪن دوست هتي ويهي رهڻ مان ڪجهہ نہ ورندو. هل سندس زال کان تہ پڇون آخر ٿيو ڇا جيئنداڻيءَ کي.“

مان ڊگهو ساهہ کڻي اٿي کڙو ٿيس. سانولاڻيءَ ٽيڪسي ڇئي رهيو هو. پنهنجيباس کان موڪل وٺيبين دوستن کي فون تي خبر ڪيم. اڳيئي نائٽڪن پيش ڪرڻ سبب گھٽيون موڪلون کٽئي چڪو هوس، سو ڏاڍيءَ ريڙهہ پيڙهہ کانپوءِ مس موڪل ملي.

سانولاڻيءَ چيو، ”منهنجو دوست هيرانانداڻي ڪار کڻي ٿو اچي، گڏجي ٿا هلون.“

مون چيو، ”پوءِ تہ اوشا کيبہ فون ڪري گھرائي وٺون. جيئنداڻيءَ جي ڊرامن ۾ هن جوبہ ساهہ آهي.“

سانولاڻيءَ چيو، ”ليڪن اٿيئي رڳو، فون تي نبتلئجانس تہ جيئنداڻي گذاري ويو، آفيس ۾ئي روڄ راڙو شروع ڪري ڇڏيندي.“


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”مون کي به خبر آهي ته اسانجي هن سهڻيءَ ڪلاڪار جو روئڻ سندس ڳنڍ ٻڌو مهمان آهي. ليڪن ڪنهن ڳالهه ڪانسواءِ موڪل ڪيئن ملندس.“

پر عجب ته فون تي چيائين، ”اجها ٿي اچان.“ چڱي جمت آهي هنن سهڻين ڇوڪرين جي آفيسرن تي.

”هاڻي مسئلو آهي، هن ڇوڪريءَ کي جيئنداڻيءَ جي موت جي خبر ڪيئن ٻڌائجي. جي هتي آفيس ۾ اچي رئڻ ۾ ڇتڪي ته سڄي آفيس جو پيپن ڊڪون اسٽرائيڪ چالو تي ويندو. “

سانولاڻيءَ چيو، ”ليڪن ڪيس ٻاهر ٻڌائي سگهجي ٿو. “

مون چيو، ”ٻاهر ته پاڻ وڏيڪ مشڪلات درپيش ايندي جو ڪيس روئندو ڏسي، اوايا سوايا ماڻهو الٽي ڪهڙا انومان ڪيندا. “

”ته پلا نه ٻڌائيندا سينس اهڙو فون ڇو ڪيئه هچاري ءَ کي“

ٻڌ سانولاڻي، رڳو چوندا سونس ته جيئنداڻي سيريس آهي. “ هن نهراءَ تي شريمان سانولاڻيءَ جي ڪلبي ڏر وارو نمونو ته ٿمجي ويو. پر انتظار جي پکيءَ اسانجي ماڻڪين ۾ هر پل پئي سٽڪا هنيان.

ڪنهن طرح سيئي گڏجي هيرانداڻيءَ جي موٽر ۾ چڙهي وجي جيئنداڻيءَ جي گهر پهتاسين. رستي ۾ هيرانداڻيءَ جي سوالن کي اشارن ۾ ئي گهٽي ڇڏيوسين. اسان ٻنهي مان به ڪنهن اکر نه پئي ڳالهايو. ورلي ناڪو لتاڙيوسين ته اوشا جي ٻي صبريءَ سندس اکين کي آلو ڪرڻ به شروع ڪري ڇڏيو. جيئنداڻيءَ جي دروازي جي گهنٽي وڄايم. سندس شريمتيءَ اچي در کوليو. اڪثر ته سندس نظر اسان مٿان ڪرندي آهي ته ڦهرٻڻجي، ڇو ته جيئنداڻيءَ کي رات جو دير تائين ڊرامن ۾ ترسائڻ لاءِ شريمتيءَ جي نظر ۾ اسين ئي جوابدار هئاسين. انهيءَ ڪري اسانکي به ذرا شريمتيءَ تي چڙ


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هاڻي مونکيئي سڀ خطباس وٽان ڊڪٽيشن وٺي، اڇي ٽائيپ ڪرڻا هئا.
باس چيو، ”جهڙا تنهنجا اکر آهن تهڙي ڪرين ٿي موتين جهڙي ٽائيپ ۾...“
مونکي چوٿيءَ ڪان وٺي پيرن تائين نهاري، مرڪي چيائين، ”تون خوبه هڪڙو موتي آهين. “

”انڪل ...“ مونکان نڪري ويو ۽ ڪلندي ڪلندي هلي آيس. منهنجو اهو نيم آهي تہ آفيس کان موٽي پاپڙ کائي، پاڻي پي، يڪدم پاسي واريءَ سروج وٽ هلي ويندي آهيان. سندس گهوٽ رات جو دير سان موٽندو آهي انڪري سروج شام جي وقت منهنجي ڪمپنيءَ لاءِ ڏاڍي راهہ نهاريندي آهي. جڏهنباس جي ”موتي“ چوڻ واري ڳالهہٻڌائيمانس، تہ ڳل تي ٿپڪي هڻي ٿي چوي،
”سنيالجانءِ، ڪنهن ڏينهن انهيءَباس لاءِ دل ۾ پيار نہ جاڳي پوئي.“
مون چيو، ”حد ٿي ويئي سرجو. ڪا انترياميڻ آهين؟ يا اڳڪٿيٻڌائڻ جو هنر پيئي سکين؟ ليڪن تونبلڪل غلط آهين. دنيا ۾ جوان ڇوڪرن جي ڇا پرلئہ ٿي ويئي آهي؟ جو مان جنهن کي ”انڪل“ سڏيان، تنهن کي پيار ڪرڻ لڳنديس؟“

منهن تي روسامو ڪڍي مان هلي آيس. پرٻئي ڏينهنبہ منهنجا پير پنهنجو پاڻ سروج جي گهر گهلي ويا. هوءَ اڇي منهنجي پير ۾ ويٺي. ڪاڏيءَ کان پاڻ طرف منهنجو منهن ڪري چيائين، ”تون ڪالهہ مون سان رسي وئينءَ نہ؟“ منهنجي منهن تي اوچتو مرڪ مڙيلئي.
سرجوءَ ڀاڪي ڀلئي چيو، ”مون تہ فقط چرچو ڪيو. مونکي ڇا ايتريبہ خبر ناهي تہ تون ڪيڏي پڪي سپاءَ واري آهين؟لئين نہ هجي ها تہ مان ڪاليج ۾ ڊيري ٿي پيس پر تون هزارين نظرن کي لتاڙي پاڪ پوتر نڪريلئينءَ، سو ڪيئن ٿئي ها...“


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

منهنجو من ته سروج ڪي ٿئين واردات ٻڌائڻ لاءِ پئي تڙڦيو سو ٿهڪ ڏيئي چيم، ”سرجو، مزي جي ڳالهه ٿي اڄ.“ سرجو اکين ۾ مڪ تي مرڪ آڻي پڇيو،
”ڇا ٿيو؟“

مون چيو، ”منهنجي ٻي ڪام جي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيڻ جي خبر پئجي ويئي آفيس وارن کي. ڏٺم، منهنجي ميز تي رجني گنڌا جي گلن جو گلدستو رکيو آهي. هڪ چٽ پن سان لڳايل هئي، ان تي لکيل هو. ”واڌايون“ مان يڪدم سمجهي ويس ته هي ڪم ڪنهنجو هوندو. شڪرانا مجڻ لاءِ يڪدم ٻاس جي روم ۾ هلي ويس.ٻاس مونڏيئي نهاريندو رهيو. سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪهڙيءَ ٻوليءَ ۾ شڪرانا مڃان. منهنجي رڳي جي ڪنڌ گهڙيءَ گهڙيءَ ڏندن وچ ۾ ڦاسي ٿي ويئي، نيٺ همت ڪني ڪري چيم، ”انڪل شڪرانا“ ۽ ڪلندي ڪلندي اچي پنهنجي ميز وٽ وينيس. آفيس جلبيا ڪلارڪ ٻه مڙي آيا. گلدستي کي ڏسي خوب مسخريون ڪندا رهيا ۽ هڪ ٺوڙهو، جنهن لاءِ چوندي آهيان ته آواز ڏاڍو سٺو اٿس، اهو دريءَ پاسي منهن ڪري ڳڻڪڻ ويهي رهيو:
”انهي ديک ڪر جي رهي هين سيي...“
پياري سرجو، چلبڌايانءِ مونکي ته ايتري خوشي پئي ٿي جو اصل مري وڃان جيڪر، ايتري ۾ ٻاس ٻاهر نڪري آيو. آفيس جي ڪلارڪن گڏجي گلدستو مٿي کڻي چيو، ”ٻاس ٿري چيئرس فار نرملا ، هپ هپ هري.“
ٻاس چيو، ”سياڻي نرملا جي عزت ۾ ”اوٻيراءِ شيريٽان هوٽل“ ۾ پارٽي. “
”اڙي سرجو، “ مون سروج جا ڳل پٽي چيو، ”ان مهل منهنجي ته ڪنن جون پاپڙيون ئي ڳاڙهيون ٿي ويئون. “
سروج چڪي کڻي مونکي ياڪر پاتو.


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”ها پيٽسان، ڇوڪريءَ قد ڇڳو ڪٽي ورتو آهي. وري ٺاهوڪيءَ چڱي ٿي پيئي آهي...“

”ته هاڻي ڪجهه ڪرڻ کپيءَ ٻڌو نه اٿو مرد ويري نِنڊيڙي، زال ويري سونهن“ مميءَ چيو. پر بئڊيءَ جواب ڪونه ڏنو.

جواب ڏنو منهنجي من... شادي معني خرچ ۽ خرچ هجي ها ته بئڊي مونکي نوڪري ڇو ڪرڻ ڏئي ها... سروج وٽ فقط هڪ ڏينهن گسايو هوم ته ٻئي ڏينهن تي چوڻ لڳي، ”تون ته هاڻي عيد جو چنڊ ٿي پيئي آهين. “

مون کلي چيو، ”چنڊ سمجهي آسمان ۾ ڳولينديءَ ته ٻه توکان لينديس ڪانه. ٻڌايانءِ ته ڇو؟ ته مان آهان هوا... هوا جو اهڙو جهوٽو جيڪو آواز جي لهرن کان ٻه تڪڙو پيو ڊڪيئي ڊڪي...“

سروج کلي چيو، ”ڇو يلاٻاس هاڻي تولاءِ دنيا جي سير جي ٽڪيٽ گهرائي آهي ڇا؟“

”نه سرجو، عجيب ڳالهه ٻڌ. مونکي پنهنجي ڪيبن ۾ گهرائي وهاري ڇڏيائين. مون پنو ۽ پين تيار رکيو ته ڪجهه لکائيندو سمجهي ڏانهنس نهاريم، ته ٿو چوي: اڄ ڪجهه ڪونه لکائڻو آهيءَ بس تون چپ چاپ منهنجي سامهون ويهي رهه. مونکي ڪل پئي لڳي. پنهنجو خانو کولي سو سو جا نوٽ ڪڍي چيائين: هاڻي تون آهين ٻي ڪام پڙهيل اسٽئنو. پگهار پنج سو وڌيڪ. “

پئسا وٺي ”ٿئنڪيو“ چئي پٺي ٿي آيس ته ٻانهن کان جهلي چيائين، ”۽ هي وٺ ولائتي سينٽ جي شيشي“ اها گلابي رومال ۾ ويڙهيل هئي. چيائين. ”هي اٿيئي منهنجي پاران انعام؟“

مون شيشي وٺي چيو، ”ٿئنڪيو“ ۽ ٻاهر هلي ويس. پر شام جو جڏهن سيئي


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ساموهون ٿي انڪل ڪري پئي سڌيو مانس..“
ليڪن هڪ ڏينهن پوءِ، هڪڙيو عجيب واقعو ٿيو.باس مونکي ڪئبن ۾ گهرائي چيو، ”مان توکي سامهون ويهي رهڻ لاءِ ٿو چوان، تون ضرور عجب ڪنديندينءَ. پر تون شايد ان ڳالهه کي سمجهي نٿي سگهين. ڪوئي ڪنهنکي اچانڪ ئي وٽي ويندو آهي. چو وٽي ويندو آهي؟ ڪوئي ڪارڻ نه هوندو آهي. هو ڪيس پيار ڪرڻ چاهيندو آهي، ڪوئي ڪارڻ نه هوندو آهي. ڪڏهن ڪيس ٻانهن ۾ مٿي ڪٽڻ جي تمنا سندس سيني ۾ پڙڪي اٿندي آهي.“
مون ڪلي چيو، ”پر انڪل توهين هيڏا وڏا، توهانجي شريمتي..“ اڌ ۾ ڪٽي چيائين، ”شريمتي... اوهه شريمتيءَ سان مونکي ڪڏهن هڪ ڪن لاءِ به پيار نه ٿيو آهي. نرملا تون اعتبار ڪندينءَ، هڪ ڪن لاءِ به هوءَ مونکي اهڙي ڪانه لڳي آهي، جنهن کي ڇڪي ڇاتيءَ لائي چمي سگهجي.“
مان باس جون هي سڀ ڳالهيون ٻڌي من ئي من ڪلي رهي هئس.
آخر جڏهن ئي اٿڻ لڳيس، تڏهن باس مونکي ٻانهن کان پڪڙي زوريءَ ويهاري چيو، ”ويهه هاڻي پڇين ڪيڏانهن ٿي. “
دل ۾ چيم، هڪ پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪريءَ جي پڇڻ جون واهون ڪوئي ڪيئن بند ڪري سگهندو آهي ڇا.؟
ليڪن سندس هٿ منهنجي ٻانهن تي اهڙو زور سان لڳو هو جو مونکي لڳو منهنجي ڳلن ۾ خون جو دورو تيز ٿي ويو آهي.
باس ڪنڌ هيٺ ڪري چيو، ”رات ڏينهن بس تون ئي تون اکين اڳيان پيئي ڦرين. خبر ناهي ڇو توکي سامهون وهاري ڏسندو رهڻ جو جذبو ڏاڍي ڇو ڪين ٿو..“
”انڪل، مميءَ سان اڄ شاديءَ تي وڃڻو آهي. مان وڃان پلي.“


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

باس ڪنڌ مٿي ڪنيو... ڏاڍو ڏکويل... دکي شخص پئي لڳو. من چيو، ”ڪاش ههڙي قرب واري شخص کي زال سٺي ملي ها...“

رت جو دورو فقط ٻڳلن ۾ئي نہ، پر ساري بدن ۾ اهڙو تيز ٿي ويو هو جو لڳو پئي منهنجا پير زمين تي لڳڻئي ڪين ٿا... ڪٿي مان اپسرا تہ ڪين ٿي پيئي آهيان. اهڙا خوش خيال ڪندي اچي سروج جي گود ۾ پيس.

سروج سان جڏهن سڄي ڳالهہ ڪيم، تڏهن سروج چيو، حق تي سندس زال چيو هو ”راوڻ.“

”پر هو راوڻ آهي ڪونہ... هنجي زال کي هن ڪڏهن پيار ڪيوئي ڪونهي“ مون چيو.

سروج چيڙائڻ جي نوع ۾ چيو، ”ها ها زال کي ڪڏهن پيار ڪيوئي ڪين اٿئين، رڳو ٻہ ٻار تہ پئدا ڪيا اٿئين. اڙي چري، انهيءَ راوڻ تي قياس آٿي ڪٿي ويچاريءَ ٻن ٻارن جي ماءُ جو گهر نہ اجاڙي ڇڏين“

”چہ چہ...“ مان ان ڏينهن سروج سان رسي پيس. گهر اچي ٿڌي پاڻيءَ سان سنان ڪري، ممي ۽ ڊئڊيءَ سان شاديءَ تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻ لڳيس.

ڊئڊي چيو، ”هاڻي تہ ڏيءَ ٿي ڪمائيس تہ ماڻهين خوب سهڻا وڳا وٺي ڏئي آهي“

واقعي ممي ۽ بہ جيڪا نئين ساڙهي پاتي هئي، ان سان بلڪل ڏهہ سال ننڍي پئي لڳي.

اوچتو باس اچي اسان جي گهر پهتو. اسين سڀ حيران ٿي وياسين. سڄڻ جو هڪ سمنڊ وهڻ لڳو ساري گهر ۾.

”انڪل...“

”هاءِ نمو... هيءَ“ انڪل منهنجي مٿي تي هٿ رکيو.


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”ممي. “

ميءَ مونجهاري ۾ ڪرسيءَ بدران اسٽول ڪٽي ڏنو باس کي وهڻ لاءِ.

مون اسٽول سيري، ڪرسي کٽي رکي... ميءَ پل محسوس ڪئي ته سندس شڪل لهي ويئي.

باس چيو، ”سچ پچ هيءَ تنهنجي ممي آهي؟“

”ها. “ مون ڪنڌ ڌوڻ سان چيو.

”چڻ نورجهان جي هٿ تان ڪبوتر اڏامي ويو آهي. “باس چيو.

اسين ٻئي ماءُ ڌيءَ ٺهڪ ڏيئي کلي پيئوسين.

ٻئي ڪمري مان ٻڍي آيو. پتي جون تاڪيون سندس هٿ ۾ ئي هيون...

مون چيو، ”ٻڍي منهنجو باس مسٽر عيدناڻي.“

”او، “ ٻڍيءَ ساڻس هٿ ملايو، ”عيدون ئي عيدون آهن توهان جي نصيب ۾ ته نرملا ڳالهه ڪندي آهي ته توهين اجاببرانچون به کولڻ وارا آهيو. “

”اگرئنتلي بلڪل صحيح ڳالهه چئي اٿس. انهيءَ ڪري ئي ته توهان وٽ اچڻ جي تڪليف وٺي پيئي آهي مونکي.“

ٻڍيءَ مان ولڪڙا ٿي باس جي منهن ۾ نهارڻ لڳاسين.

”ڳالهه چاهي ته هيئر اجا نرملا جي ڪنهن ساهيڙيءَ جو فون آيو ته وڌيڪ پگهار تي هوءَ ڪيس پنهنجي آفيس ۾ نوڪري ڏياري سگهي ٿي. ليڪن توهان جي ڪڪيءَ جو ڪم اسانکي ايترو پسند آهي جو اسانجي آفيس کي ڪيس ڇڏڻ واري ئي ناهي. وڌيڪ پگهار به يڪدم ڏنو ويندو. “

”آها. “ مون اندر ۾ هڪ وڏو ٺهڪ ڏنو. ممي ٻڍي باس جي خاطرداري ڪرڻ لڳا. هن ٻنهي جي نظر بچائي مونکي چيو، ”سياڻي سويلي اچج. وقت ڪيئن ٿو گذري توبنا، سا فقط مونکي ئي خبر آهي. “


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

پنهنجي گهر ۾ ٻليءَ ٻه شير سوٻاس سان هلڪي ڇيڙ ڪيم. ”اڪ پل جئسا اڪ يگ ٻيتا “

”ٺئنس اٽ. ٺئنس اٽ“ وڏو ٽهڪ ڏنو ٻاس.

ٻٽڏيءَ پڇيو. ” ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

ٻاس پاڻ کي ڪاليجي ڪڪو سمجهڻ لڳو. جو ڪلي چيائين. ”اها اسانجي پرائيويٽ ڪوڊ ورڊ ٻات چيت آهي؟“

وچڻ مهل ڏنم ٻاس جي نگاهه منهنجي مميءَ تي اٽڪي پيئي. مون چيو. ”انڪل ٻاءِ . “

ٻاس اٿيو ۽ سگريٽ وات ۾ جهلي ٻٽڏيءَ کي چيائين. ”وسڪي ٻسڪي پيئندا هجو ته حاضر آهي... ڪار ۾...“

ٻٽڏيءَ چيو. ”نه مهرٻاني. اسين هينئر ڪنهن مائٽ جي شاديءَ تي وڃي رهيا آهيون...“

”هو هو هو هو... ٻاس جي ڪل ۾ هينئر انساني ڪل نه ٿي نظر آئي ٻاس هليو ويو. ٻٽڏي ڪپڙا ٻدلائي اسان سان گڏ هليو.

شاديءَ تي ذرا دير سان پهتاسين. هال ۾ گهڙنديئي هڪ رمارڪ ٻڌم ”چنڊ تارو؟“

مميءَ کي ٿورو اڳ ٻاس نورجهان سڏيو هو ۽ هتي ٻه هو چنڊ جي اهميت رکي ٿي. تڏهن ممي منهنجيءَ عمر ۾ ته خبر ناهي ڪيتري خوبصورت هوندي. هن ڳالهه طرف ته منهنجو ڪڏهن ڌيان ئي نه ويو هو.

مگر هي چا هو. شاديءَ جي پئنڊال ۾ جتان ٻه لنگهيس ٿي اتي جڻ هر نظر ۾ ڏياٽيون ٻري ٿي پيئون. پهرين سمجهيم اهو شايد منهنجو وهم آهي. ليڪن ڏنم ته هڪ مائٽين واري مائي مميءَ کي پرتي وٺي ويئي.


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ممي جڏهن واپس منهنجي ۽ ڀڄديءَ جي ويجهو آئي تڏهن سندس منهن پئي ٻهڪيو. ڀڄديءَ کي چوڻ لڳي، ”هيءَ ملڪتين واري چوي ٿي هو ڇوڪرو جيڪو اسٽيج وٽ گهوٽ ڪنوار جي ويجهو وينو آهي، اهو ولائت کان آيو آهي، ڪروڙپتي آهي، پندرهن ڏينهن اندر شادي ڪري واپس وڃڻ ٿو چاهي.“

”اخبار ۾ نٿو اشتهار ڏئي؟“ ڀڄديءَ چيو.

مميءَ ڏاڍي فلڪ سان چيو، ”هنکي ڪپي سنڌي ڇوڪري ۽ اسانجي نرملا لاءِ ويچار اٿس.“

”ولائيتبادي ڳالهيون پيئي ڪري اها ملڪتين واري، ڪروڙپتي وننڊوبہ لک ڪين نہ. وڏي ڳالهہ آهي خوبہ تمام سهڻو...“

هيءَ گفتگوبلڪل منهنجيبنڌڻ لاءِئي ٿي رهي هئي.

مون اکيون کڻي انهيءَ ڇوڪري طرف نهاريو. هو شايد مون طرفئي ڏسي رهيو هو. ليڪن مونکي نهاريندو ڏسي، هن سونهن جي پندار هڪ ڪن لاءِ نظر جهڪائي ڇڏي ۽ جڏهن وري سڌو مون طرفئي نهاري رهيو هو، تڏهن منهنجي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويئي. دل ۾ چيم: ڏسجي ٿہ پرش پاڻ ناريءَ جي پيٽ ۾ وڏيڪ سهڻو آهي.

”ملڪتين واري چوي ٿي هن دولتاڻي ڇوڪري کي توهانجي نرملا سني ٿي لڳي...“ مميءَ چيو ڀڄديءَ کي، پر شايد منهنجيبنڌڻ لاءِبہ. مونکي لڳو ڌڙام ڪري هڪ ناچڻي ڪنهن وڏي شاهي نغاري مٿان لهي پيئي آهي... پنهنجن جهانجهر پاتل پيرن سان ٺٺي ٺٺي ڪندي نغاري مٿان نچي رهي آهي. نغاري جي چوگرد پکڙيل هئي اٿاهہ ڌرتي... ڪيڙيل هئي ساري ڌرتي... سچ مٿيبينو ڌرتيءَ جي ڪيڙيل ورن وڪڙن ۾ پنهنجين ڪرٽن جي ڌاڙڪن سان ڪجهہ سونجهي رهيو هو.


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ملڪتين واريءَ وري سرڻ جيان لامارو ڏنو. هن پيري ممي ۽ ٻئدي ٻنهي کي پاسيرو وني ويئي. هلڪي مرڪ منهنجي چپن تي هئي ۽ مسٽر دولتاڻي ائيسڪريم جي پليٽ کڻي اچي مونکي آچي.

”مون هاڻي ئي ائيسڪريم کاڌي آهي“ مون چيو.

”ته هيءَ به کائڻي پوندو...“

کلي چيم، ”زبردستي...“

”ته خوبصورتيءَ جي خلائن وٽ التجا قبول پوي پلا. “

مون ائيسڪريم جي پليٽ هٿ ۾ ورتي. سندس لفظ لفظ منهنجي ڪنن ۾ ور ور ڪري وڄڻ لڳو. سولن سنڌي اکرن ۾ هن منهنجي آتما کي هن سرير کان جدا ڪري آڪاس تي ٻيهاري ڇڏيو هو. هو ڪلنڊڙ اکين سان هڪ چپنڊڙ نهار مونڏي اڇلي وري پنهنجي جڳهه تي هليو ويو.

ممي، ٻئدي هاڻي منهنجي پر ۾ هئا... چپنڊڙ نهار جا منهنجي من جي ڌرتيءَ کي کيڙي ويئي هئي، سا اجلب منهنجن اکين ۾ اٽڪيل هئي.... ناچڻي پنهنجي ڊول مٿان ميندي، رتا پير هٽي هٽي خوب زور زور سان نچي رهي هئي. سچ جي ڪرٽن ۾ مومل جي ڪاڪ محل جي ڳاڙهاڻ شامل ٿيڻ لڳي... لئين پئي لڳو مٿي مٿان آسمان غائب ٿي ويو هو ۽ پيرن هيٺان زمين گم هئي. شايد هوا جي لهرن تي سازن مان نڪرندڙ سنگيت جي ڌنن تي تري رهي هيس مان...

مميءَ پڇيو، ”نمو توکي چڱو ٿو لڳي هي دولتاڻي ڇوڪرو؟“

مون يڪدم ڪنڌ سان ”ها“ ڪئي.

ٻئدي ڏي نهاريم، سندس رڳون تاڻجي ويئون هيون.

مميءَ چيو، ”ملڪتين واريءَ کي ها ڪٽي چئون. “


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”دل ته جهل. ڪني مڇي ڪانهي اسانجي ڌيءَ جو دولتاڻيءَ ڪي ڏيندينءَ.
دولتاڻيبه ڪا آڪهه آهي؟“
”آڪهين وارن کي ته ڏيتي ليتيءَ جي مار لڳي پيئي آهي. “ مميءَ سرگوشي ڪئي.
”ڪونه ڪو پاڻيهي هن هيري جو ملهه سڃاڻندو. “
”توهين اسانجي سنڌيبوڪڙو گهوٽ_ ملڻن کي سڃاڻو ڪونه، تڏهن ٿا چئو.“
”بس ڪر هاڻي، اڄ اڃا پگهار وڌيو اٿس... پهرين ٿوري دولت ته گهر ۾ آڻي،
اهڙا دولتاڻي گهڻيئي پيا ملندا...“
منهنجو ٻئدي، گهر ۾ ٻئديءَ ڪان وڏيڪباس ٿي رهيو آهي. سوباس جو فيصلو هو... سر چشم.
ناچڻي، ڊول تان لهي ويئي، سج غروب ٿي ويو. ڪيڙيل ڌرتي سوڪ ۾ فتل زمين جيان اساٿيل رهجي ويئي.
سيني ڪان موڪلائي شادي هال ڪانباهر نڪري آياسين.
مان چپ چاپ اونڌي منهن اچي گهر ۾ پيس.
صبح جو جڏهن آفيس وڃڻ لاءِ تيار ٿئي ٿيس، ته مميءَ اچي پڇيو، ”تو رنو آهي چا نمو؟ “
ڳوڙهو هو نڙيءَ ۾ اٽڪيل. پرس کڻي چپ چاپباهر نڪري ويس.
آفيس ۾ پهچي خبر پيئي تهباس اڄبئنڪاڪ ٿو وڃي. هو فقط ڪن ڪن لاءِ ئي آفيس ۾ آيو ۽ مونکي ڪئبن ۾ ڪوٺائي چيائين، ”ننڍڙي اپسرا، مان بئنڪاڪ ٿو وڃان خريداريءَ لاءِ، پنيان اندر جي آسڻ تي ڪنهنکي نه وهڻ ڏج. سمجهيئه؟“
منهنجو منهن لٿل هو.


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ٻاس منهنجو هٿ پڪڙي چيو، ”دوستن زبردستيءَ پروگرام ٺاهي ڇڏيو، نہ تہ مان توکان سواءِ شايد ڪٿيبہ وڃڻ پسند نہ ڪريان“ مان اڃانبہ چپ هيس.
ٻاس، پين چپ تي رکي ڪرسيءَ جي پٺين ٽنگن تي لڏندي چيو، ”تون ڪلين نٽي تہ ٺهين پيو لڳي جڻ چنڊ مان چاندوڪي ڳم ٿي ويئي آهي. ڏسج مان دوستن کان پاڻ ڇڏائي ڪيترو ۾ ٿو اچان. نمو سچ پچين تہ رڳو توسانئي نہ، مونسانبہ ساڳي ويڌن آهي. مان هاڻ هڪ پلبہ رهي نٿو سگهان. اڄ شام ئي جيڪر تو سان هڪ وڏيءَ شاندار هوٽل ۾ پروگرام رکان ها، پر دوستن ٻئنڪاڪ لاءِ مجبور ڪري وڌو آهي... ٿورو تہ ڪل نمو... توکي ڏاڍو ستايو اٿم، پر مانبہ هر پل توکان وڌيڪ ستائجي ويو آهيان، ڪجهہ منو نٿو لڳي... هن جان ۾ رڳو آتمائي تہ ناهي... “
الاجي چو منهنجين ڪين ۾ آنسون پرجي آيا. مان ڪئبن مانٻاهر نڪري آيس. اچي پنهنجيءَ جاءِ تي وينيس. اڳين اسٽئنو واپس آيل هئي. پنهنجي ٽائيپ رائيٽر وٽ ويني يڪ ٽڪ مونکي جاچي رهي هئي. پوءِ اٿي وڃي پاڻيءَ گلاس پري لئي. مون اڪيون اگهي پاڻي هڪئي ڳيت ۾ پي ڇڏيو.
ٻاس، ڪئبن مان نڪري اسان سيني آفيس جي ملازمن کي هلو هلو چئي، مونکي مٿي تي هلڪو ڌڪ هڻي، ڪلي هليو ويو. پنيان جهوني اسٽئنو چيو، ”ٻاسٽرڊ. “
ڪيترن ڏينهن ڪانپوءِ مس سروج سان ڪليو ڳالهائڻ جي فرصت ملي هئي. دولتاڻي چوڪري کان وني ٻاس جي لاءِ ”ٻاسٽرڊ“ لفظ ٻڌڻ ٿئين اڪربہ اڪر سپ ڪيسٻيان ڪريٻڌايم.
سروج ٽٻيءَ ۾ پئجي ويئي. پوءِ اکيون مٿي ڪري چيائين، ”تونبہ پنهنجي ٻاس کي پيار ڪرڻ لڳي آهين؟“


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”نہ اصل نہ.“ مون تڙقندي چيو. اهو ڪلنڪ گهٽ ۾ گهٽ تون نہ لڳاءِ سروج. آفيس ۾ سڀ سمجهندا آهن مون انڪل تي جادو ڪيو آهي، پر انڪل جي هيتري لڳاوَ لاءِ مان جوابدار اصل ڪانہ آهيان. سندس زال ڪيس پيار ڏئي ها تہ شايد....“

”ڦ...“ ڏاڍي ڌڪار مان سروج چيو، ”تو جهوني اسٽئنو واتان باسٽرڊ لفظ ٻڌو باس جي زال واتان راوڻ لفظ ٻڌو. اجايہ توکي انڪل لاءِ عزت آهي؟“

”عزت تہ آهي،“ مون چيو، ”ٻڍي چوندو آهي سنڌي باس هڪ سنڌي ڇوڪريءَ کي سدائين پنهنجي اولاد جيان سمجهندو آهي. تڏهن تہ مونکي ”عيدناڻي لميٽيڊ“ ۾ نوڪري ڪرڻ جي موڪل ڏنائين، نہ تہ پرائيويٽ سروس جي بلڪل برخلاف هو ٻڍي.“

سروج چيو، ٻيا سنڌي باس برابر پنهنجي فرم ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪرين کي اولاد وانگر سمجهندا هوندا، پر عيدناڻي تہ ڪنهن بہ صورت ۾ اهڙو نٿو لڳي. تو اجا شادي نہ ڪئي آهي انڪري تون سندس سندس اٽڪلون سمجهي نہ سگهي آهين. تو کي بي آرام ڪري هو دنيا پاڙي مان ڪڍڻ ٿو چاهي...“

”تڏهين نٿو ٿي سگهي، مون لاءِ هو ٻڍيءَ ڪان بہ وڌيڪ آهي...“

سروج ان ڏينهن رات جو پنهنجي گهوٽ سوڌي اسان وٽ لنگهي آئي. ڳالهين ڳالهين ۾ چيائين، ”ٻڍي توهين هاڻي نموءَ جي شادي ڪرائي ڇڏيو.“

”ٻڍي“ سڏجڻ تي ٻڍيءَ کي سچ پچ شايد خوشي ٿي هئي، جو ڪلي چيائين، ”پاڻي سيني جون ڇوڪريون ٿيهن ٻٽيهن ورهين تائين وينيون ڪمائين، هيءَ ڪهڙو بار آهي اسان مٿان، جو جلدي شادي ڪرايونس؟“

سروج چيو، ”نياڻيون جي پيٽن ۾ سمايون، سي ڪنيءَ تي بار تہ برابر ڪونهن، پر هر چيز جي هڪ موسم ٿيندي آهي. سڀ ٻياتي نڪشتر ۾ ٿئي وات


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”انڪل“ مون ذرا خارن ۾ چيو ۽ وڃڻ لاءِ اٿي بيٺس.
”ڏيرج ڏيرج . “ هو منهنجي ٻانهن تي هٿ ڦيرڻ لڳو، ”ڏس ٻار نٻڄ، رڳو آتمڪ پيار سڀ ڪجهہ تہ ناهي ۽ مون تہ توکي ايترو پيار ڪيو آهي جو پنهنجي گڏيءَ کي ٻئي جي ٻانهن ۾ وڃڻ برداشت ئي نہ ڪري سگهندس.“
من ۾ آيو چوانس. ”راسڪل بدمعاش مونکان سال ٻہ ننڍي تہ پنهنجي ڌيءَ اٿيئي.“
اکين کي ٻاهہ ۽ پاڻي“ واهڻ کان صبر سان روڪي، سندس ڪئبن مان ٻاهر هلي آيس. نوڪري ڇڏڻ جي لاءِ خط ٽائيپ ڪري ٽڪڙو ٽڪڙو وجي ميز تي رکي، ڌڙام سان دروازو بند ڪري سڌي گهر هلي آيس.
پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيڻ بدران، سڌو سروج جو وجي در کڙڪايم. ڪيس ياڪر پئي، خبر ناهي ڪيتري دير سڏڪندي رهيس. ”سروج تون سچي آهين، تون سچي آهين، انڪل ”راسڪل“ (بدمعاش) آهي.“
سروج پنهنجي ساڙهيءَ جي پلئہ سان منهنجا ڳوڙها اگهڻ لڳي. ”انڪل تہ راڪاس آهي پر تنهنجو پيءُ بہ تہ بد دماغ آهي.“


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# نئون زمانو

”چا پيو چوين تيرٿ. “

”سچ ٿو چوان ماسي، اها ليڪئي ڪين هئي منهنجي هٿ ۾ جيڪا پيار ڏيکاريندي آهي. “

”تون ڪئين مٿي نهاري، اکين ۾ ڳوڙها پي پيو وڃين.... مونکي ته گهاءُ پيو پوي. “

تيرٿ ماسيءَ طرف ڏسندي ڦڪو ڦڪو مرڪي ڏنو.

”پٽ تون اهو جيڪو ڪوڙو ڪوڙو مرڪڻ جي ڪوشش پيوڪرين، اهو ته پاڻ منهنجو هاڻ پيو وڍي. “

هاڻ ٿتي پيو تيرٿ. اکين مان سندس زار زار آنسون پئي ڳڙيا. سڏڪا پريندي ٻانهن مٿي ڪٽي، نڪ وٽ آيل پاٽيءَ کي اگهڻ لڳو. تڏهن ماسيءَ ڪٽي سندس ڳلي ۾ ٻانهن وڌي، ”هيڏو خيال ڪٻو آهي چا تيرٿ. “

”ڪيڏو نه پيار ڪيومانس، پر سندس پيار مونسان ڪين هو شايد. نه ڪئين ٻه ڪين چئي سگهندس. ڏاڍو موهه هوس مون ۾...ٻارن ۾... “

”پيار هوس ڪي نه هوس، ماڻهو ڪڏهن ماڻهوءَ جو انت ڪو مشڪل لهي سگهندو آهي. “

تيرٿ اٿي وڃي گيندبيءَ وٽ منهن ڌوتو. وري واپس جڏهن ماسيءَ جي پرسان اچي وينو، تڏهن ڏٺئين ته سندس پيڻ ريڪلبه ڪنڌ هيٺ ڪيو ماسيءَ جي پير ۾ وينو آهي. ريکا آگر سان اک جو ڳوڙهو چندبي ڦٽو ڪيو. تڏهن ماسيءَ چيو، ”ڏيءُ توکي ته گهٽو اڳ خبر پئجي ويئي هوندي ته مڙسنهن جي پاڇانهن ۾ٻري نظر آهي.“


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ريکا ڪنڌسان ”ها“ ڪئي.

”تہ ڏيءَ تون پاڻ کي آگاھ تہ ڪرين ها نہ؟“

”هن کيبہ خبر هئي..“ هاڻي ريکابہ سڏڪا ڀرڻ لڳي.

”آن تيرٿ؟... جيڪڏهين هو تہ تو ججڪيءَ کي گھر ۾ اچڻ کان منع ڇو ڪين ڪئي؟ خاص ڪري جڏهن هو ويو ٿي انگريزبڻجندو؟ ججڪرشن مانبدلائي ڀاڻکي ججڪي ڪيڏهين.“

درد ڀري نهار ڪٽي، تيرٿ چيو، ”اهي رشتا روڪڻ سان رڪبا آهن ڇا ماسي؟ پاڻ وڏيڪ گھرا ٿي ويندا آهن. “

”پليل آهين پٽ، تنهنجي چاچيءَ جي ڌيءَ ڏس، پاسي ۾ پنجابيءَ سان پريم ٿي ويس. پنجابي ٽنبارن جو پيءُ. چوڪريءَ کي تڪڙ ۾ گھر ڳولي شادي ڪرڻي پڏيڪون. هاڻي ڏس تہ ڪيئن پيئي پنهنجي مڙس سان نري. “

”ماسي اهو تہ سوچيو، ججڪيءَ کي گھر ۾ اچڻ کان روڪي مان پنهنجي ننڍڙيءَ ڀيڻ ريکا سان ڪيڏيبي انصافي ڪريان ها..“ تيرٿ جو آواز نہ هو، جڻ ڪنهن غفا مان اهاءُ ٿي آيو. ريکا جو هڪ ٿميل سڏڪو اپرڪو ڪڍڻي چپ ٿي ويو.

ماسيءَ چيو، ”سو ڇا ٿي پوي ها. ويني هجي ها پنهنجي مڙس سان سکي. هيئنر تہ هن ويچاريءَ لاءِبہ ڏکيا ڏيهن اچي ويا نہ؟... پر منهنجي اها ڳالھ منديءَ تي ٽڪ ڇاڻج تہ تنهنجي پتلي ڏاڍي دکي ٿيندي. “

ماسيءَ کيبانهن کان جهلي تيرٿ چيو، ”اهڙي دعا نہ ڪيو. پتليءَ جي هٿ ۾ شايد اهڙي ليڪ هئي جنهن ڪري ڪيس منهنجوبہ ارواح مليو تہ ججڪيءَ جوبہ منجهس موھ وجي ڪتو..“

”تيرٿ پٽ، تنهنجي سادگيءَ تان تہ مان گھوري وڃان. پر اهو تہ سوچ اڄ


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

تنهنجون ٻيئي نياڻيون ڪيئن اڪلنديون؟ پڇي ويل ماءُ جون ٽيئي ته ڪنهن کي به وفادار ڪين لڳنديون. سيتا ماتا کي پلي راوڻ کڻي ويو، پر رام به ته هن کي وفادار نه سمجهيو نه، نه ته اهڙين حالتن ۾ ڪوئي گريوتي استريءَ کي ڪيڏي ڦٽو ڪندو آهي؟"

"ڇڏ ماسي، اڄ ته مان دک جي سرڪٽيءَ ۾ پاڻ کي پورو ڪري ڇڏيان ته به دنيا پرش جاتيءَ تان زال سان خراب هلڻ جو ٽڪو ڪانه لاهيندي."

هاڻي ريکا ڳالهايو، چوڻ لڳي، "پيءُ مان تہ ٻرٻر ڪئين ٿي چوان جيڪر، چو ته منهنجو جيڪي سيني زالن سان ڏاڍو عزت سان هلندو آهي. هڪ مان ٿي شاديءَ کان پوءِ، سندس لاءِ ٻيوقوف عورت ٿي پيس... پر پيار ته سندس مونتي به گهٽ ڪين هو، رڳو چوندو هو: تون غصو ڏاڍو گهٽو ٿي ڪرين. مان به الائي ڇو اهڙي غصي واري ٿي پيس. پتلي پاپي ڏڻ تي جيڪي ٿول شيون موڪليندي هئي، اهي جڏهن جيڪيءَ کي ڏاڍي پيار سان هٿ چٽي ڪٽيندو ڏسندي هئس، تڏهن تن بدن ۾ آگ لڳي ويندي هئي. ڏوهه ته منهنجوئي هو."

"ڪا چري ته ڪانه ٿي پيئي آهين ريکا." هر ڪا زال پنهنجي مڙس جي اک ٻيءَ ۾ سهي نه سگهندي آهي. ان ۾ تو ڪهڙو ڏوهه ڪيو..." ٿورو سوچي وري ماسيءَ چيو، "نه ڌيءَ مان پليس ڏوهه ٻرٻر تنهنجو هو. چو ته اسان نارين جي زندگيءَ ۾ جڏهن ارمانن جي جنگ لڳندي آهي، تڏهن اسان کي ئي تڪ تور ڪري هلڻو پوندو آهي. گهر جي ٻروٻچڻ لاءِ اندر هزار گهٽا ڪٽڻا پوندا آهن. "

تيرٿ چيو، "ليڪن ماسي توهين ته مونکي به چئو ٿا تڪ تور ڪري هلڻ کپندو هوم، ان ۾ پرش ۽ استريءَ جي جنسي تور ته ڪٿي پل ڪانه ڇٽي. مونکي ته ڪڏهن ڪين سجهيو ته فقط ڪم تان دير سان موٽڻ، هنکي ايڏو


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ٻرو لڳندو؟
ڏکو ساهه کڻي ماسيءَ چيو، ”هاڻي ته هو پڪيءَ ٻڌي ويا اڏامي، هاڻي سوچڻو آهي توهان ٻنهي کي. حال فلحال ته ڪيرٻه پچي ته ڇڪ جو ٻاهر ويل آهن. ريڪا تون ٻه پنهنجي گهر ۾ ئي وڃي رهه. اڪيلائيءَ لاءِ پاڙي اوڙي مان ڪا زال پاڻ وٽ سمهاريندي ڪج؟“
ڪوڙو کلي تيرٿ چيو، ”ناتلبه اهڙا آهن جو ڪورٽ ڪچهريءَ، طلاق ٻلاق جو ته سوال ئي نه ٿو اٿي. فقط ايترو ترسي ها منهنجي نياڻين جون شاديون ٿي وڃن ها..“
اوچتو ماسيءَ وٺي رڙ ڪئي، ”تيرٿ پٽ اکيون ته کول... مان ته ننهن چوٿي ڏکي ويئي آهيان. پٽ هوءَ ته عشق جي انڌي گهوڙي تي سوار آهي، تون ته نياڻين جي سوچ..... “
”آڙي ماسي اي اي“ ذرا کڙو ٿي وينو تيرٿ، ”مون پنهنجي فئڪٽري هلائيندي اهڙا گهڻا قصا ڏسي ڇڏيا آهن.ٻوجهه زالون چالاڪ مردن جي چار ۾ اچي ويندیون آهن..“
انڻ ڏينهن ڪانپوءِ تارلئي، ” تيرٿ مون پنهنجي ڀل محسوس ڪئي آهي. واپس اچڻ ٿي چاهيان. “
تار کڻي تيرٿ ڪار کي ڊڪائيندو ماسيءَ جي گهر اچي پهتو. تار ڏيکاري چيائين، ”ماسي منهنجي ته حالت اهڙي ٿي ويئي آهي جڻ غم ۽ خوشيءَ جي هڪ وڏي سمنڊ ۾ غوطا پيو کان. “
ماسي ڪا دير ته تيرٿ جي منهن ۾ ئي نهاريندي رهي. ولولو سندس من ۾ ٻه مچي ويو هو شايد، جو هر هر مرڪ ڪري ٿي پيس چپن مان، ڪاڏيءَ ۾ نستي سوچڻ جو وڪڙ پئجي ٿي ويس. آخر پڇيائين، ”تون ڪيس اچڻ ڏيندين گهر


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

۾؟“
تيرٿ جو اکيون پريل هيون، ڪنڌ سان ها ڪيائين.
تڏهن وڏيون اکيون ڦاڙي ماسيءَ چيو، ”هان؟ مريادا پرشوتم رام وانگر جهنگل ۾ ڪونہ اڇليندينس؟“
ڪجهہ دير لاءِ تيرٿ وينو ڪجهہ سوچي رهيو هو. آخر چيائين، ”هڪ تہ رام مريادا پرشوتم هو، جو مان ڪين آهيان. مان تہ چوندو آهيان پيار ۾ پاڻ کهڙوٻيو تہ راماڻ واري زماني ڪانپوءِ ڪا ترقي اسان انسانن ڪئي آهي ڪين نہ؟ جنگين وقت جيڪي زالون، ڇوڪريون زوريءَ پڄايون وڃن ٿيون، تن کي واپس ملڻ تي گهر ۾ اڃهو نہ ملي تہ ڪهڙو حال ٿئي جيڪر سماج جو...“
پنهنجيءَ هٿن ۾ تيرٿ جو منهن جهلي سندس نراڙي چمي ماسيءَ چيو، ”الاجي ڪهڙا جادو وڌس جڳڪيءَ جو ههڙي ڊول مڙس کي ڇڏي ويئي هئي...“
تيرٿ ڏنو ماسيءَ جي اکين مان ٽاهہ ٽاهہ ڳوڙها پئي ڳڙيا، تڏهن هٿ سڌو ڪري چيائين، ”پار ملڻ جي ليڪ ڏس ڪيڏي صاف آهي منهنجي هٿ ۾ الاجي ڇو تنهن ڏينهن ڏسي ڪين پئي سگهيس.“
ماسيءَ جي رنل منهن تيءَ ٻيج جي چندرما جهڙي مرڪ جي ليڪ ايري. چوڻ لڳي، ”تون پتليءَ کي اهڙوئي پيار ڪري سگهندين، جهڙو اڳ ڪندو هئين؟“
”ماسي پيار جي سنسار ۾ رڳو ڏيڻ جوئي سلسلو لڪيل آهي، وٺڻ جو حساب ئي ڪونهي. پتليءَ کي پيار ڪرڻ ۾ مونکي خوشي ٿي ملي. هن ۾ ڳڻ ڪهڙا آهن اوگڻ ڪهڙا آهن اهو سوچڻ وهندس تہ پيار جو ٻلشار جڻ پتر جي چپ وچ ۾ اچڻ تي چندا چندا ٿي ويندو.“


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

وڏيون وڏيون آليون اکيون ڦاڙي ماسيءَ تيرٿ طرف ڏٺو. ڪلي چيائين، ”اڄي پتلي ته ڏسانس سندس هٿ ۾ پيار ملڻ جون گهٽيون ليڪون آهن. تنهنجي هٿ ۾ ته شايد پيار ڏيڻ جيئي لنبي ليڪ ڏنل آهي. “

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن پتلي سفر ڪري گهر موٽي، تڏهن تيرٿ ڪي پاسيرو وٺي ماسيءَ چيو، ”مونکي ته عجب ٿو لڳي تنهنجي ڪنوار ته ڪجهه سمجهيئي ڪانه پيئي. هيڏو ٺڪو لڳو آهي مٿس، ”ٻچي وڃڻ“ جو تڏهن ويني ڪلي خوش ٿئي، نود آهي ڪا؟“

تيرٿ وڏو ٺهڪ ڏيئي ڪليو ۽ سڏ ڪيائين پتليءَ کي. ماسي چپ تي آڱر رکيو ولاڙي ٿي ڏسڻ لڳي.

تيرٿ چيو، ”هاڻي پتلي لاهه پنهنجي ماسيءَ جي دل تان پرم. “

پتلي مرڪندي ماسيءَ جي منهن ۾ ڏسندي رهي. تڏهن ماسيءَ چيو، ”ڪهڙو پرم؟“

پتليءَ ڪلي چيو، ”اهو پرم ته مان پنهنجي راجا صاحب کي چڏي، ڄڻڪيءَ سان ٻچي ويئي هئس.

ماسيءَ سوچ پريون اکيون کڻي چيو، ”ٻچي نه ويئي هئينءَ ؟“

پتليءَ تيرٿ طرف ٺيڏي اک سان ڏسندي چيو، ”هنکي شاڪ ڏيٺو هو مونکي. “

”چو؟“ ڏاڍي اتاولائي سان ماسيءَ پڇيو.

”ماسي رڳو ڪم، رڳو ڪم، آخر جيوتڀه ڪا چيز آهي ڪين نه. گهمڻ ويندو ته دوستن سان، چو مان نٿي گهمي سگهان؟ گهر ۾ ايندو تهبزنيس جا فائيل، چو گهر ۾ ٺيئرن سان ڪلڻ ڳالهائڻ بزنيس کان وڌيڪ اهم چيز ناهي؟ ساڳيو هاڻي سيٻڏي ٿو، نه ته ڌيانئي ڪين ڏيندو هو. “


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

پتليءَ جي هٿ تي ڌڪ ٺڪڪي ڪلندي ماسيءَ چيو، ”چوري تونٻنهه استاد نڪتينءَ. پلا هي جو تنهنجي نرانٻه سمجهي ٿي ته جڪڪي تو لاءِ مري ٿو سا ڳالهه ڪيئن آهي؟“

پتليءَ چيو، ”ماسي جڪيءَ سان آهي سڪا پريم. اهو پريمٻه آدم جڳاد ڪان دنيا ۾ هلندو آيو آهي. پر مون جهڙي سچاڻ زال ان تان پتي پريم ڪڏهن ڪين قربان ڪندي.“

تڏهن ماسي گهر وڃڻ لاءِ اٿي ڪڙي ٿي. ڊگهو ساهه کڻي چيائين، ”شل سڪيا هجو. پر چوڪري حال ته وڏو خطرو ملهه ڳنهي ورتو هوٻچي ويئي آهين جو نئون زمانو آهي. رامچندر جي راڄ وارو زمانو ڪونهي.“


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ماءُ نئنا جي مٿي تي هٿ ڦيرائيندي پچڪار ڏيئي چيو، ”تون ڏس اڃا آهين ڪيڏڙي؟ مهراج چوي ٿو وڏي ٿئي ته پوءِ ٻڌائيندس.“

پر مميءَ اهو ڪوڙ ڳالهايو هو. جو ته پوئين صبح جو نئنا سوڙ اندر جاڳندي ٻڌو، سندس ممي پپا کي چئي رهي هئي، ”هيڏانهن اسان جي ڌيءَ کي ته ڏسو ڇا پئي ڪري؟ روز پئي پيڻ کان پڇي، پلا هي ڇوڪرو ڪيئن لڳندو؟ پلا ڦلاڻو ڇوڪرو توکي مون لاءِ پسند آهي؟ مان ته رڳو پيئي سندس منهن ۾ نهاريان. ڪيئن ٻڌايانس ته مهاراج چوي ٿو، شادي هنجي نصيب ۾ ئي ڪينهي.“

نئنا جو ته رڳو منهن سوڙ جي اندر هو، ڪن ته ٻاهر ڪيو سڀ ڪجهه ٻڌي رهي هئي سو سوڙ اڇلي ٽپ ڏيئي اٿي کڙي ٿي. وڃي پيءُ کي ياڪي پئي ضد ڪرڻ ويني، ”ته پپا مهراج ڪوڙو آهي مان شادي ضرور ڪنديس.“

ٻلبل سندس مٿي تي هٿ ڦيرائي چيو، ”چو نه ڪندو منهنجو گل پٽ شادي، پر ٻچا ارڙهين سالين کان اڳ شادي ڪرڻ سرڪاري ڏوهه آهي. “ ڳل تي هٿ رکي ويهي رهي هئنا.

آخر پنج سال ٻه گذريا، پر ڏاڍو ڏيري ڏيري گذريا. نئنا هاڻ چڱي سمجهو ٿي ويئي هئي. ديديءَ گهوٽ سان وڃي گڏ سينگاپور وسائي هئي. هڪ ڏينهن هڪ جوان ڇوڪرو ديديءَ وٽان پارسل کڻي آيو. هڪ سهڻو ميڪ اپ سيٽ هو. ڇوڪر چيو، ”ديديءَ چيو آهي، هيءُ سيٽ منهنجي پيڻ نئنا کي هٿ ۾ وڃي ڏج. “

سيٽ وٺندي جو نئنا ڇوڪر جي منهن ۾ ڏٺو، ته مورت چپجي ويئي سندس من ۾. سنئين سينڌ، گهنگهرالو گهاٽا وار، صاف ڏاڙهي لٿل چهرو، سڀ کان سهڻيون هيون سندس ڪڙيل سورج مکي گلن جهڙيون اکيون، جن سان نئنا


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

جي اکين ۾ سڌو نهاري چيائين، ”ديديءَ کي لکج تہ منهنجي هٿ ۾ ڏنائين سيٽ. “

سيٽ وٺي ٿئنا اکيون ٻئي بند ڪري ڇڏيون. ٿڙندي ٿلهڙندي ڪنهن طرح پنهنجي ڪمري ۾ پهتي. اکيون کٽي کوليائين تہ هر هنڌ اهي نيڻ پيا نظر اچنس، دل ۾ چيائين، ”ظلم ٿيو. “

ٿئنا جو ٻئي ڏينهن بازار مان فروٽ وغيره وٺي موٽيو هو. ٿئنا کي سڏي ڏاڍي اتساهہ سان مهمان لاءِ ڪجهہ ڪپي ٺاهي کڻي اچڻ لاءِ چيائين. مگر اتي ئي ڪجهہ ياد اچي ويس ۽ سندس اتساهہ گم ٿي ويو. ٿئنا بہ پهرين تہ ڪجهہ دير ڊريسنگ ٽيبل وٽ ٿئين بيني رهي جڻ پٿر جي مورتي هئي.

ٻئي ڏينهن پڦيءَ اچي ٿئنا جي مميءَ کي چيو، ”هٿ تہ کول“ ۽ يڪدم سندس هٿ مٿان تاڙي وڄائي چيائين، ”ڪلهہ جيڪو ڇوڪرو ساجن، تو وٽ ٿئنا لاءِ پارسل کڻي آيو هو، انهيءَ کي ٿئنا پسند آهي بس هفتي ۾ شادي ڪري ڇوڪريءَ کي سينگاپور وٺي ويندو“

ٿئنا کان تڪڙ ۾ نڪري ويو، ”۽ هني مون؟“

پڦيءَ اکين جا دوڏا ڦاڙي چيو، ”توهان کي تہ کو مالڪ سمجهڻ کي. ڏيتي ليتيءَ جي ٻہ ٻول ڪانهي، اجا مٿان ڪپيوَ هني مون. “

ٿئنا جي تہ دل ۾ دهل ٿي وڄيا، پڦيءَ جلدي ئي هٿ پڪڙي چيائين، ”ساري ساري، دادي ساري“

ساجن جي ماءُ پيءُ تہ ٿئنا کي اڳيئي ڏسي ڇڏيو هو بس ساجن جي اچڻ جي دير هئي. سوٻن ڏينهن ڪانپوءِ مڱڻو بينو، هفتي ڪانپوءِ شادي. ليڪن مڱڻي جي منڊي جو ٿئنا جي نصيب ۾ ڪانہ هئي، سو مڱڻي ڏينهن صبح صبح پڦي سهڪندي آئي. چيائين، ” ساجن جي پيءُ کي ساجن جو سيٽ اچي لڳو آهي تہ


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

گرياني تہ هلي ويئي. نئنا سوچڻ لڳي آخر هيءُ ملڻتي نهڻ جو سچ وري ڪڏهن اپرندو جڏهن مان ساهيڙين کي شاديءَ تي اچڻ لاءِ نوتو ڏيئي سگهنديس.

شڪر اهو ڏينهن جلدي پهچي ويو. گهونگهٽن مگٽي جي گهر ڪئي تڪڙي. نئنا جي ماءُ پيءُ جو منهن لٿل هو. پاڻ ۾ سس پس پئي ڪيڪون، "جڏهن چوڪريءَ جي نصيب ۾ شادي لکيل ئي ڪانهي تڏهن مگٽو ڪرڻ چا ڪبو." ليڪن ڏني مک ڳيهڻ ڏاڍي مشڪل ڳالهہ هئي. آخر مگٽوبہ ٿي ويو تہ شاديءَ جو ڏينهن بہ اچي پهتو. صبح ساڻ نئنا جي ماءُ شيناث جيءَ جون ڳنديون پئي بڌيون. پيءُ ڏاڍي چنتا ۾ بڏل هو. چيئين، "نئنا ڏيءَ اسان قسمت خلاف کهاڙي ڪنئين آهي." نئنا جي دل بہ دڪ دڪ ڪرڻ لڳي. شاديءَ جون گهٽيون رسمون تہ پوريون ٿي چڪيون هيون. نوگرهي گهري ڪيءَ بہ ٿي ويئي. نئنا جي ديدي پقي وغيره ڏاجو ساهري گهر پهچڻ آيون. مگر سس پس ۾ ڳالهہ پسرڻ لڳي تہ گهوٽ راجا پڄي ويو آهي.

اچانڪ نئنا جي هٿ ۾ هڪ چني اچي پيئي. لکيل هو:

"نئنا ديوي مونکي معاف ڪج. هن وقت هيءَ شاديءَ مان نٺو ڪري سگهان. منهنجي چاچي جا مونتي لک احسان آهن، پر منهنجي مرضيءَ خلاف شاديءَ جو ايڏو ادبر ڪيو ويو آهي جو مان احسانن هيٺيان ٻجي مرڻ لڳو آهيان. ٻن سالن ۾ ايترو ڪجهہ ضرور ڪمائي ايندس، جو توکي سکي رکي سگهان. ان وچ ۾ ڪو مونکان وڌيڪ لائق ور ملئين تہ پلي هلي وڃج. مان ڪوبہ ٻنڌن نٺو وجهڻ چاهيان توتي...."

ماءُ تہ چني ٻڌي بيهوش ٿي ويئي.

نئنا جون اکيون کلي ويئون. ماءُ کي چيئين، "شادي شادي شادي— الاجي


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

کهڙي مايا ڇار ۾ اچي پيئي آهيان. ان کان ته کا ڊاڪٽر يا پروفيسر ٿيان ها ته چڱو هو. "

گرياڻيءَ ٻوڪ ڦاڙي چيو، "ڪرن ڪراون آپي آپ" سو ڪير ٿو اچ ڪرمن جي لکئي کي مٽي. شادي ٿي ويئي ته ڇٽبو ڇوڪريءَ جي ڪرمن ۾ اهوئي مڙس لکيل هو جي وري طلاق ٿي ويئي ته ڇوندا... ڇا ڇوندا تڏهن؟ سنڌ ۾ ڇوڪرين جو لکيو 5 سالن جي عمر ۾ ڪلندو هو، هاڻي پنجويهن سالن ۾ به نٿو کلي – مطلب؟... اجايون آهن سڀ ڳالهيون. اگر جي ڳجهن جي ڪل جو تشين کي به پوري ڪانهي. ههڙي سٺي سهڻي ڇوڪري، انهن ڇريڪيءَ جي خيالن سبب گهر ۾ وهاري ڇڏي ڇا؟"

مگر نئنا جا ماءُ پيءُ اصل ننو اڪر واري وينا.

رکي رکي آخر گرياڻيءَ چيو، "يلا هڪ ڪم ڪندا، منهنجي ڪالوني وارا منهنجو مٿو ڪڍي ويا آهن ته ڪا سٺي ماسترياڻي آڻي ڏي، جيڪا ڪالونيءَ جي ٻارن کي سنڌي لکڻ پڙهڻ سيکاري... "

پيءُ نئنا کي سڏ ڪري گرياڻيءَ واري ڳالهه ٻڌائي. نئنا يڪدم هڪو ڪئي. ماءُ به چيو، "جڏهن شادي به لکيل ناهي. ته يلي وڃي ڇوڪري سڪرت جا ڪم ڪري. "

مگر ٿيو ائين، جو نئنا گرياڻيءَ واريءَ ڪالونيءَ ۾ سنڌي پڙهائڻ شروع مس ڪئي ته گرياڻيءَ وٽ نئنا لاءِ چار مڱڻيون اچي ويئون. آخر هڪ ڏينهن گرياڻي نانڪ کي ۽ سندس ماءُ پيءُ کي سڏو نئنا جي گهر وٺي لڳي. "چي، ڏسو پڪئي هي نانڪ جا ماءُ پيءُ اچي پنيان پيا اٿم ته نئنا جهڙي آدرشي ڇوڪري، اسان کي ڪيئن به وٺي ڏي..."

نئنا جا ماءُ پيءُ ته نانڪ تي موهت ٿي پيا ڇو ته جهڙي هئي نانڪ جي سونهن


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

سوپيا، ٿهڙو هوس سياءُ. مگر ڪين گرهن جا هٿ لڳل هئا، سو ڏاڍي آنا ڪاني ڪيئون. ليڪن هيڏانهن ڇوڪري وارا به سڀ ڳالهيون گريانيءَ وٽان ٻڌي چڪا هئا. انڪري اصل تياري ڪري آيا هئا. منديءَ به ساڻ آندي هئائون. نانڪ ٽئنا کي منڊي پائي ته ٽئنا به ٽڙي پيئي. نانڪ جي ماءُ ڪيس ڳلي لائي چيو، ”اڄ کان وٺي هيءَ منهنجي ننهن آهي.“ ڳلي مان سوني زنجير لاهي ڪڍي ٽئنا کي پاتائين. ٻن ڏينهن ۾ باقاعدي شادي به ٿي گذري.

سک سان ٽئنا گهوٽ سوڏي پيڪن ۾ ستا وارو ڪرڻ آئي. پيءُ کي ڪلي چيائين، ”پپا ڪيترو ڏک ڏنو جنم پتريءَ؟ انڪان ته ڏيکاريون ٿئي نه ها.“


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# وچ ڊاڪٽر تي

سهيليءَ چيو، ”تون جيڪر ڪيس روڪين ها انوُ. “ انيلا جي چپن تي مرڪ هئي ارمان پري.

سهيليءَ چيو، ”تون جيڪر ڪيس هڪ لفظ به چئين ها ته هو شادي اصل نه ڪري ها. “

انوءَ جو سارو وجود ارمان پري ڪل جو مجسمو بڻجي پيو. چيائين، ”ڳهيلي آهين تون، اگر ڪنهنجو من ڪنهن تي اچي ٿو وڃي ته ان کي ٻيا سڀ ڳل، ڪندا ٿا پاسن؟“

سهيليءَ چيو، ”هاڻ ته هو تو لاءِ اچي پريشان ٿيو آهي. شاديءَ کي ته اجل به سال مس ٿيا اٿس. هو چاهي ٿو تون فون تي ساڻس ڳالهاءِ، ڪٿ نه ڪندي ڪر سندس فون. “

”فون تي ته ڇا، اگر رستي تي منهان منهن گڏجي وڃي تڏهن نه ڳالهائيندي سانس. ساڄن خود ڇڏي ويو هو مونکي، مون نه ڇڏيو هو ڪيس. “

سهيلي سوچ ۾ ٻيني رهي دريءَ کي ٽيڪ ڏيئي، انو هاڻ ڪرسيءَ تي ويهي نه سگهي. ڏاڍي ٻي آرامي سان اٿي ڪڙي تي ۽ هال ۾ اچ وچ ڪرڻ لڳي.

سهيلي دريءَ جي ٻني تي چڙهي ويني. ڪجهه وقت دريءَ کان ٻاهر به ڏسندي رهي، پوءِ ٻانهون ٻڌي اچ وچ ڪندڙ انوءَ کي يڪ ٽڪ نهاريندي رهي. آخر چيائين، ”ساڄن سان ملڻ لاءِ تڙقي ته تون به رهي آهين؟“

”مان “نه“ ڪٿي ٿي چوان. پر مان سندس گهر ڦٽڻ لاءِ تيار نه آهيان... تو وانگر. “

”مون وانگر؟ ڇا مطلب؟...“ سهيليءَ جو منهن ٽامڻي هٽي ويو. تيز ٿي چيائين،


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”ڇا مان پريتم جو گهر ڦٽڻ لاءِ هنسان گڏجڻ ٿي چاهيان؟“

”تون چاهين نہ چاهين پر تون پريتم سان گڏج سهين، پوءِ ڏسج ڪيئن ٿو سندس گهر ڦٽي؟“

سهيلي اکيون ڦاڙي انوءَ طرف ڏسڻ لڳي، ”ڇو ڦٽندو پريتم جو گهر؟ هو تہ زال کي، ڏيءَ کيڀي انداز پيار ڪندو آهي.“

ٺٺولي ڪندي انوءَ چيو، ”پر توکي وسارڻ نہ کپي تہ هوءَ سندس زال آهي ۽ تون سندس سهيلي.“

”سو ڇا؟“

”سو ڇا نہ ڇئہ، پرش هردوبٽيلئي اهڙيءَ ڪنهن مٿيءَ جو آهي جو هنکي پنهنجي زال کان وڌ، ڌاري پيار ڪندڙ عورت خوب وڻندي آهي.بس مچلجي پوندو آهي ڌاريءَ عورت جي پيار تي...“

” پريتم اهڙن مچلجندڙ مردن مان ڪونهي... “

”تون اگر چوڻ لڳين تہبرف ڪڏهن توَ تي نہ رجندي آهي تہ مان توکي مڃيندس. پر چونديءَ مرد زال کي ساهيڙيءَ کان وڌ چاهي ٿو. تہ مان نہ مڃيندس.“

”مطلب ڳالهہ جو تہ، تنهنجو صاف جواب آهي تہ تون ساجن کي فون ڪونہ ڪنديءَ؟... هو ويچارو ڪٿان چلي ڪري مون وٽ آيو هو.“

”نہ، چيم تہ نہ. “

”مگر تنهنجي هن آنڌ مانڌ کي ڏسي مونکي هو ناٽڪ پريمي ٿو ياد اچي، جيڪو ٽڪيٽ جا پئسا نہ هجڻ سبب ناٽڪبہ نہ ڏسي سگهندو آهي، پر ناٽڪ پورو ٿئي، اوستئين گهربہ نہ وڃي سگهندو آهي..بس ڏاڪڻ تيئي وينو رهندو آهي. “


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”جڏهن سمجهه تون.“ چوندي انو دروازو زور سان بند ڪندي ٻاهر نڪري ويئي.

ان رات انو دير تائين ڊائري لکندي رهي.
”سهيليءَ اڄ ڪهڙي نه تو تشبيهه ڏني آهي منهنجيءَ حالت کي، ”ڏاڪڻ تي وينل..“ شڪر، ترشنڪو نه ڪوٺيائين. سومناٿ جوبت ڪوني سگهي ٿي جنهن کي ماڻهو حيرانيءَ جي حد تائين پوڄيندا هئا. پر محمد غزنويءَ جڏهن ري ٿيپي ري ٿوٽيءَ ٻيئل پڳوان جا پول پڌرا ڪري وڌا... لوهه جي شيخ تي ٽهيل سومناٿ جي مورتيءَ جا چئني پتين مان چقمق ڪڍي ڦٽا ڪيا، تڏهن ماڻهن کي اها مورتي پٽ تي ڪريل ڏسي سياري جي سياٽ ڪان گهڻو وڏو سياٽ پيو هوندو ۽ مان سومناٿ جي بت جهڙي لوهي شيخ جي ٽهيل ”مان“، جڏهن لڙي پيئي هئس ساڄن طرف، تڏهن به شايد اسانجي رام ليلا واريءَ ٽوليءَ ۾ سياٽ پيو هوندو... منهنجي هستيءَ واري چوڪري جيڪا ڪنهن کي پنهنجو پاڻ نه ڇهڻ ڏئي، سا ڪلي عام، ساڄن سان سٽجي ٿي ويئي. آهه اها تن اندر وڪڙ وجهندڙ چقمق جي پڪڙ. ڪهڙي عجيب هئي اها ڪشش. هاڻي چو اڄ چا مري ويئي آهي؟
ڊائري لکڻ اڌ ۾ ڇڏي، انو اٿي ڪمري ۾ اچ وڃ ڪرڻ لڳي... ساڄن پاڻ هن مهل به هتي اچي نڪري ۽ ٻئي، ته سندس ٻار جي ماءُ گذاري ويئي آهي. ته مان شايد ول جيان ڪيس گهيري وجهان...
از خود انوءَ جو هٿ پنهنجين اکين طرف کڄي ويو. آڱرين تي آلاڻ ڏسي ڪيس ڪس اچي ويئي. ”ڪهڙي چريائي پيئي سوچيان؟ ڇا هي مان آهيان انو؟“
انو اٿي وڃي ڊريسنگ ٽيبل جي آرسيءَ وٽ بيٺي. اکين هيٺان ڪاراڻ کي


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

آگر سان ڇهي ڏٺائين. ”اوهه“ سندس ڏٻيل آهه آرسيءَ تي پگهر جو نشان ڪري ڇڏيو....

انو آرسيءَ کان ٽائين هٽي جڻ پنهنجي عڪس کان پاڻ ڇنايائين. وري وڃي ڊريسنگ ٽيبل وٽ ڍڪري لڪڻ ويني. ”اکين وٽ ڪارا نشان آهن ڪيئن چوان ته اهي پوڙهپ دکن جا آهن؟... نه ماڻيل سک جلبه تي سگهندا آهن... سهيليءَ ته ٽائينءَ تي چيو، ساجن سک تربرلبر ايترو ڏنو جو مان ته سمجهندي هيس هاڻي منهنجا اڳين جنمن جا خراب ڪرم ڪٽجي چڪا، هاڻ سکن جا ڏينهن زندگيءَ جي آخر تائين هلندا...

ليڪن مونکي خبرئي ڪانه هئي ته سک پاڻ دک کانبه وڌيڪ ترڪڻو عاشق نڪرندو. ساجن ڪيڏو سک ڏنو منهنجو انگ انگ ٺاري ڇڏيائين. سڄي سرير تي سک جا نشان هڻي ڇڏيائين. ڪا جاءِ نه ڇڏي هئائين ۽ هڪ ڏينهن اچانڪ سک جي گهڙيءَ جو سماءُ وڻندي چوي ٿو، ”انو دل ٿيندي آهي هڪ اهڙو سرير ڏسان جنهن جو آڪار توکانبه نديو هجي“.

ان مهل مونکي لڳو مان سڄي ٿڌي ٿي ويئي آهيان. ڪٽئيبرف جي ڇپ منهنجي مٿان ڪري پيئي آهي. منهنجا من، ساجن سان جدائي حقيقت ۾ ان ويل شروع ٿي هئي. شايد اهلبي ترتيب جيوت جا اسان اڪيلي ڏورانهين مڪان ۾ رهندي شروع ڪئي هئي، اهڙي اهڙيءَ ڳالهه لاءِ جوابدار هئي. ڏينهن رات مهل ڪمهل اسان پڪين وانگر پيار ٿي وندبيو. ايڏي تيز رفتار پيار جي نديءَ ڏيري وهي آس پاس کيلآباد ڪين ڪيو پر چوهه مان مٿن مٿٿن جي ننگ ناموس جهڙا قيمتي وڻ فصل سڀ لوڙهي ويئي.

چو سمجهيو مون سيني کي حقير. ڪيڏو انڌ ويڙهي ويو هو مونکي. ڪنهنجي پرواهه ڪين ٿي ڪيم. چيم نه منهنجي زندگي ان مهل هڪ ندي


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هئي، جا جهرڻي جي رفتار سان پئي وهي... ۽ جبلن تان ڪري هيٺ ڌون وڃي نڪاءُ ڪيلئين. تڏهن اٿي پيو چندن جي ڌوئڻاڌار جو پورو سنسار.
جنهن ڏينهن ساجن اچي چيو، "انو مون کي چوڪري ڏسڻ لاءِ ڏاڍو ضد ڪيو ملئين. "
"ته ڏسي آئين؟" مون چيو.
"هائو. "
"ڪيئن هئي؟"
"چڱي هئي. "
"وٺي توکي؟"
"ها سٺي آهي. "
"ته. "
"ته ڇا؟"
"ڪجهه نه. " مان وڏيڪ پاڻ جهلي نه سگهيس اٿي ڪڙي ٿيس. "مونکي مٿي ۾ سور آهي."
اڙي، هي ڇا؟ ساجن؟ ساجن جيڪو منهنجي مٿي جو سورٻڌي مونکي گود ۾ ليٽائي پيار سان پيري چڏيندو هو، جيڪو منهنجو سر دٻائيبام مکي ڪيئن به مونکي ٺيڪ ڪرڻبنا الڳ نه ٿيندو هو، سوبس "سور لهيئي ته وري ايندس" چئي هليو ويو. ۽ مان انڌيءَ جيان سندس هٿن کي منهن مٿي تي ڳوليندي رهيس... ڪهڙو آهي هي پرش جاتيءَ جو نندي آڪار لاءِ عشق منشتا جا سڀ ڏاڪا هڪ ڪن ۾ لهيو وڃيو هيٺ پهچي.
هينياهين ڏي هلندڙ ساجن پلجيبه نه سوچجانءِ ته انو هاڻي توکي فون ڪندي، انو توکي آڪاس سمجهي توسان پيار ڪيو هو... مونکي اها خبر


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڪاڻ ھئي تہ حقيقت ۾ تون آھين ڪني پاڻيءَ جون ڍبو. جنھن ۾ آڪاس جو فقط عڪس ڏنو ھو مون...

اف سھيلي. سھيلي تو ساڄن طرف مونکي ھمدرديبڻجڻ لاءِ ڪھڙا نہ ستا ڦٽ اڪيلي ڇڏيا آھن.

سھيلي توکي ڪھڙي خبر ”ھيءَ آھي اھا انو. جنھن کي ”ساجن ڇڏي ڏنو“ اھڙن لفظن جي لعنت مون ڪيئن سني آھي. گھر کان گھٽيءَ تائين نڪرڻبہ محال ٿي پيو ھو. مون لاءِ شڪر جو وقت سر نندڻيءَ پيڻ مدد ڪئي. چيائين. ”ڇڏي ھو ويو آھي توکيبيوفا ھو ٿيو آھي. تہ دنيا جا سچار ماڻھو لعنت ھنتي وجھندا... “

پيڻ کي ڳراھنڙي پائي چيم. ”نندني ڪيڏي وڏي سچ تي پيئي آھي تنھنجي نظر. منھنجي تہ من اندر ھزارينبلابري پيا آھن. روشن ٿي پيو آھي منھنجو من...“

سھيلي اھا منھنجي پيڻلائين نہ چوي ھا تہ شايد مان وري سنئين لڳين گھمي ڪين سگھان ھا.

اڙي من ڊائريءَ جي ورقن ۾بس توڪانسواءِ ڪوئي ڪونھي پنھنجو. تنھنجي اڳيان ڪھڙو پردوبڌ ھي ناريءَ جو من آھي نہ منھنجو. شايد ڪن جھونن سنسڪارن جو نھيل آھي يا ناري جاتيبس اھڙيئي ھوندي آھي. نہ تہ وري وري چو پڪاريان ھا. ”تون ور وھون ڪيتريون. مون ور توھين تون“

ڪڏھن سوچيندي آھيان. قدرت ڪيڏيبي انصافي ڪئي آھي مونسان... ناريءَ سان. ڪڏھن ڪڏھن چوندي آھيان. ”نہ قدرت تہ مون سان وڙ ڪيو آھي جو پرش من وانگر نندين وڏن آڪارن جي چڪر ۾ ڦٽڪان تہ نٿي“

ھلڪو سھيليءَ ڏاڪڻ تيئي ويني آھيان. ناٽڪ مٿي ناٽيہ مندر ۾ روز ھلي


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

